# ڪنبڙي ۽

# وارن جو ڪلام

[روحل فقير ۽ مراد فقير]

سنڌي ادبي بورڊ

چامشورو/حيدرآباد سنڌ

١٤٠٣ھ

ڪنڊڙيءَ وارن جي ڪلام جو هي
خصوصي ڇاپو سچل سائينءَ جي
ساليانه ميلي ١٤٠٣ھ جي مبارڪ
موقعي تي شايع ڪيو ويو .

# ڪنبڙيءَ وارن جو ڪلام

## روحل فقير ۽ مراد فقير

مرتب

لطف الله بدوي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٣ھ

چاپو پهريون سال ١٩٦٤ع تعداد ١٠٠٠
چاپو ٻيو سال ١٩٨٣ع تعداد ١٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پندرهن روپيا
[Price: Rs. 15-00]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ)

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

## فهرست


١- عرض مرتب

٢- مقدمو

- روحل فقير

- مراد فقير ٢٥

٣- ڪلام روحل فقير

● سنڌي:

بيت توحيد جا ٦١

متفرقه ٦٩

سر سهڻي ٧٠

● سرائڪي:

دوهڙا ٧٥

سي حرفي (١) ٨١

سي حرفي (٢) ٨٦

ڪافيون ٩٣

٤- ڪلام مراد فقير

● سنڌي:

معرفت ١٠٣

سر سهڻي ١٠٩

سر سسئي ١١٢

سر مومل رائو ١١٧

سر عمر مارئي ١١٨

سر نوري ١١٩

سر ليلا- چنيسر ١٢٠

سر گهاتو ١٢١
سر سامونڊي ١٢٢
سر ارياتي ١٢٣
سر پورب ١٢٥
بيت متفرق ١٢٨
سي حرفي ١٣٣
عشقيه ١٤١

● سرائڪي :

دوهڙا ١٤٩
هير رانجهو ١٦٣
سي حرفي (جهولڻو) ١٦٥
ڪافيون ١٧٣

مَرَ مَرَڪي مِلاحن ۾، ٺُوري نوراني،
جنهن جهوليءَ چنڊ جُهلي ٿيو، سمو سلطاني.

— مراد

اڳئن ۾ خوشيءَ آئي ۽ خوشي منائجي رهي آهي. سندس طعام سندس وعظ ۽ نصيحت بڻايان ۽ خوشي سندس چادر ٿاهيان. صبر ۽ شڪر جي سيج وڇايان ۽ ان جي رستي ڇٽڪارو حاصل ڪريان. ”روحل“ چوي ٿو ته مرشد آيو آهي، شال سندس درسن ۽ ديدار حاصل ڪريان.)

پيڪت ڪبير جي عظمت جو فقير صاحب هيئن ٿو اعتراف ڪري:

( ٤ )

موں مين سڪل شڪل سون نيارا
مين داس ڪبير ڪهايا.

١- هماري ديس نهين ماتر پومي نهين آڪاشا،
نهين هي ڌنڌ ڪارا.

٢- هماري ديس نهين هي چندر نهين هي سورج،
نهين هي اڏ لک تارا.

٣- هماري ديس نهين هي برهما نهين وشنو،
نهين شيو شڪتي سارا.

٤- ڪهت ”روحل“ هم روحل بهي ناهين،
ڪبير روپ همارا.

(مان سيڪجهه آهيان، جنهن کي ڪابه شڪل نه آهي، مان ڪبير جو پاڻ کي پالهو چوايان ٿو. منهنجي ديس نه زمين آهي نه آسمان، نه وري اونداهي آهي، منهنجي ديس ۾ نه چنڊ آهي نه سج، نه وري اڻ ڳڻيا تارا ئي آهن، منهنجي ديس ۾ نه برهما آهي نه وشنو، نه وري طاقت وارو شيو آهي. ”روحل“ چوي ٿو مان روحل به نه آهيان، اسان جي صورت ڪبير جي صورت آهي.)

روحل فقير جي هڪ مريد، ٿانورداس، شڪارپوريءَ، پنهنجي بياض ۾ لکيو آهي ته هڪ پيري، سندس فرزند شاهو فقير، کيس سوال ڪيو ته:

فقير صاحب جي هڪ شبد ڏيڻ کان پوءِ، مان سندس هندي شاعريءَ جو ذڪر ختم ڪندس(١)، جنهن جي هرڪتي مان سندس روحاني ڪمال جو اظهار ٿئي ٿو:

اگم پنٿ ڪي مهاباري ڪبهي نه آتري پريم خماري

١- گيان نهين ڌيان جوگ نهين ساڌن
سمجهن ڪي مت چيتن هاري
ساکي نه شبد، اونگ نهين سوهنگ
بيد ڪتيب سڪل سون نياري

٢- هندو نه ترڪ، جوگي نه سنياسي
رهت آڏول نهين ڀيک ڌاري
سُورا سوئي، جوئي سنمک جهولي
پيت گنوا ڪي گيرو ڌاري

٣- انمول پرش مليو گهٽ مانهين
جانڪي پريت لاگي آت پياري
انتر جامي انتر کوليا
من ڪي ممتا سهج سون ماري

٤- دليا ايهه ڪڇ ناهين، ناهي ڪڇ پايا
ستگور صاحب تون بلبهاري
"روحل" رين گئي دن آيو
ارس پرس سنگ مليو مراري(٢).

(جتي عقل گم ٿيو وڃي ٿو، ان طريقي جي عظمت جي ڪهاڻي گهٽي مٿي آهي: ڪڏهن به محبت جو خمار لهي نٿو سگهي.

---

١. سنڌي ادبي بورڊ جي ڪوشش سان ڪنڊڙيءَ وارن جي هندي ڪلام کي جدا شايع ڪيو ويندو.

٢. هندن جي اوتارسري ڪرشن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن مُر نالي هڪ ديوتا کي ماريو هو. جو سندس محبت جو رقيب هو، ان ڪري مٿس مراري لقب پيو.

یک شبي پروانگان جمع آمدند
در مضيفي طلب شمع آمدند
جملگي گفتندمي بايد يکي
کو خبر آرد ز مطلوب اندکي
شد يکي پروانه تا قصري ز دور
در فضاي قصر يافت از شمع نور
باز گشت و دفتر خود باز کرد
وصف او بر قدر فهم آغاز کرد
ناقدي کو داشت در مجمع مهي
گفت او را نيست از شمع آگهي

(هڪ رات پروانا اچي گڏ ٿيا ۽ مجلس ۾ شمع جا ڳولائو ٿيا. سڀني چيو ته اسان مان هڪ کي وڃي مطلوب جي خبر آڻڻ کپي. انهن مان هڪڙي محلات ۾ پري کان شمع جي روشنيءَ کي ڏٺو. هو موٽي ويو ۽ پنهنجي سمجهه موجب ان حقيقت کي بيان ڪيائين. انهن ۾ هڪ نڪتچين به هو، جو سندن سردار به هو. هن چيو ته هن کي شمع جي کهڙي خبر!)

شد يکي ديگر گذشت از نور در
خويش را بر شمع زد از دور در
دست درکش کرد با آتش بهم
خويش را گم کرد با او خوش بهم
چون گرفت آتش ز سرتا پاي او
سرخ شد آتشي اعضاي او
ناقد ايشان چو ديد او را ز دور
شمع با خود کرده همرنگش ز نور
گفت اين پروانه درکار است بس
کس نه داند او خبردار ست بس

”هڪ ڏينهن مان سير لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتس، هڪ پٿر تي لکيل ڏٺم:

آ يامعشرالعشاق باالله خبروا
اذا حل عشق بالفتي ڪيف يصنع

(اي عشاقن جا گروهه، خدا جي واسطي مون کي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪو ڪنهن تي عاشق ٿي پوي ته ڪهڙي تدبير ڪري؟)
”اصمعي“ چوي ٿو ته مون ان جي جواب ۾ لکيو:

يداري هواه ثم يڪتم سره
و يخشع في ڪل الامور و يخضع

(پنهنجي خواهش ۾ نرمي آڻجي، پوءِ ڪجهه کي لڪائجي؛ سڀڪنهن ڳالهه ۾ نياز ۽ ادب کي ڪم آڻجي.)
”اصمعي“ چوي ٿو ته جڏهن مان ٻئي ڏينهن ويس، تڏهن ڏٺم ته ان شعر جي هيٺان هيءُ شعر لکيل هو:

فکيف يداري والهوي قاتل الفتي
و في ڪل يوم قلبه يتقطع

(ڪهڙيءَ ريت هو پاڻ کي ڇپائي، جو ته عشق جوانن کي قتل ڪرڻ وارو آهي؛ هر روز انهن جي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي آهي.)
”اصمعي“ چوي ٿو ته مون ان جي جواب ۾ لکيو:

إذا لم يجد صبراً ليکتمان سره
فليس له شيء سوي الموت ينفع

(پوءِ جيڪڏهن هن ڪجهه کي ڇپائيندي صابر ٿي نه سگهي، ته موت کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ فائدي واري ٿي نٿي سگهي.)
”اصمعي“ لکي ٿو ته ٻئي ڏينهن مون ڏٺو ته هڪ جوان ميُو پيو هو! مون کي ڏسي بيحد افسوس ٿيو. منهنجي جواب ۾ هيٺان هي شعر آتي لکيل نظر آيا:

## غزل

ساقيا ده شراب ناب مرا
که بر آرد همه حجاب مرا

گرچه ام الخبائث مي خوانند
نيست ازين صواب مرا

بطبيب عشق درد خود گفتم
مي خور گفت در جواب مرا

در ره عشق به سبک ساري
بار سر کرده اضطراب مرا

گر رود سر "مراد" رفتن ده
نيست پروا چنين خساب مرا.

ترجمو:

١- ساقي، مون کي شراب ڏي، جيئن آهو سيني پردن کي کڻي وڃي.

٢- جيتوڻيڪ اُن کي 'خرابين جي ماءُ' چئو وڃي ٿو، پر اُن سان منهنجو ڪو به واسطو نه آهي.

٣- عشق جي طبيب کي مون پنهنجو درد ٻڌايو، هن جواب ڏنو ته خوب شراب پيءُ.

٤- عشق جي واٽ ۾، باوجود تيزيءَ جي، اسان جي مٿان اُن بار پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي.

٥- "مراد"، جيڪڏهن سر وڃي ٿو ته وڃڻ ڏينس، مون کي ڪنهن به ريت اُن جي پرواهه نه آهي.

## غزل

دلم دريا ست بي پايان ندارد هيچ ساحلها
منم غواص گوهر جان ز صد دردانه افضلها.

نه اين دريائي از آب است نه آن درها صدف دارد
ولي دل مخزن آن گنجي بدست آرند اکملها.

ندارد همسري خورشيد تابان باتجلي او
که در هر مه بدر آيد نمي بينند احولها.

ز پشت آوري نطفهٔ در شکم  تو آن نطفہ را در شکم پروری
کہ پیش از تولد شدن آن پسر  ز خوبي بہ پستان تو شیر آوری
چو پرورده شد بچہ با عزّو و ناز  نہي در دلش نور دانشوری
یالطف تو چون در بلاغت رسید  بروي زمینش دهي سروری
چو از خود دهد رزق رازق "مراد"
تو از بہر روزي چرا غم خوری.

ترجمو:

١- قدرت جي طاقت جي کيڏي نہ ڪاريگري آهي، جو ڪنهن کي به طاقت نہ آهي جو تنهنجو مقابلو ڪري سگهي.
٢- تنهنجي قدرت جي قلم پاڻيءَ تي نقش کي چٽيو آهي. تنهنجي صورت بيمثال آهي، ۽ جهان کي پيدا ڪندڙ آهين.
٣- پٺ کان نطفي کي پيٽ ۾ آڻين ٿو، ۽ آن نطفي کي ورِي پيٽ ۾ پالين ٿو.
٤- آن ٻار جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾، ٿڻن ۾ رت مان کير کي پيدا ڪرين ٿو.
٥- جڏهن ٻار تمام عزت ۽ ناز سان پلجي وڏو ٿئي ٿو، تڏهن آن جي دل ۾ عقل جي نور کي روشن ڪري ٿو.
٦- جڏهن هُو تنهنجي مهربانيءَ سان بلاغت کي پهچي ٿو، تڏهن زمين جي مٿان آن کي سرداري بخشين ٿو.
٧- "مراد"، جڏهن تہ رازق پاڻ ئي رزق پهچائي ٿو، تڏهن تون پنهنجي روزيءَ لاءِ ڇو پيو غم کائين!

غزل

قدر خود را چرا نمي داني،
ذات قدسي، کمال انساني.
خود پرستي مکن کہ خود بیني،
کار کفر است در مسلماني.

اهرمن نفس را مقيّد کن،
کہ توئي آصف سليماني،
عيب خود را اگر شناس شوی،
خود بخود دم زنی "زَمنْ رَاني."
در يقينت چو شد خدا ثابت،
"لِمن الملک" خود همي خواني.
از خضر آب زندگي مطلب،
کہ تو سرچشمہ آب حيواني.
کنج عزلت گزين کہ خواهي يافت،
در گدائي "مراد" سلطاني.

ترجمو:

١- پنهنجو قدر چو نٿو ڄاڻين؟ تون پاڪ ذات آهين ۽ انسانيت جو ڪمال آهين.

٢- پاڻ تي غرور نہ ڪر، جو اها وڏائي اسلام جي اندر ڪفر شمار ٿئي ٿي.

٣- نفس جي ديو کي قيد ڪر، جو تون حضرت سليمان (نبي) جو آصف (وزير) آهين.

٤- پنهنجي گهٽتائيءَ کان جيڪڏهن واقف ٿئين، تہ خود بخود "مان ڏنو" جو نعرو هڻين.

٥- تنهنجي يقين ۾ جڏهن خدا ثابت ٿي ويو، تڏهن "ڪير آهي بادشاهہ" خود بخود پڙهين.

٦- حضرت خضر کان پاڻي نہ گهُر، جو تون پاڻ آبحيات جو چشمو آهين.

٧- "مراد"، گوشي نِشينيءَ کي اختيار ڪر تہ فقيريءَ ۾ توکي بادشاهي ملي ويندي.

## رباعيات

( ۱ )

آب و آتش، باد و خاک از کہ زاد
در طبع آن اختلاف چون افتاد
جوهر اندر جسم آمد از چہ سود
باز گشتن او چہ بد حاصل "مراد".

(باه، پاڻي، مٽي، ڪنهن مان پيدا ٿيا آهن؟ انهن جي طبيعت ۾ ڇو اختلاف آهي؟ جسم جي اندر جيڪو ڌڻي جوهر (روح) آيو ته ڪهڙو فائدو، وري ان جي موٽي وڃڻ جو ڪهڙو مطلب؟)

( ۲ )

از کعبہ عشقبازان رخسار یار بہ
محراب پاکبازان ابروي نگار بہ
احرام عارفان همہ بستند گرد دل
گشتن "مراد" گرد دل از حج هزار بہ

(عشق وارن لاءِ ڪعبي کان دوست جو ڳل وڌيڪ آهي. پاڪبازن جي محراب کان، حسين انسان جو ڀرون وڌيڪ آهي. عارفن دل جي چوڌاري احرام ٻڌو آهي، ۽ "مراد"! دل جو طواف هزار حجن کان بهتر آهي.)

( ۳ )

دلا! پیرهن تن چاک چاک باید کرد
بسر ایام خاک خاک باید کرد
آن دم آمد کہ همین خواستم از روز وصل
"مراد" دیدهٔ جانان پاک پاک باید کرد.

(اي دل، بدن جي قميص کي ڦاڙڻ گهرجي. هن زماني جي مٿان ڌوڙ وجهڻ گهرجي. مان هميشه دوست جو وصال

گھرندو رهيو آهيان، مون کي دوست جي وصال لاءِ اکيون پاڪ ڪرڻ ڪپن.)

( ٤ )

عشق در دل چو چشمۂ آب حيات
ميخورد خضر وقت در ظلمات
عشق عيسىٰ دم است روح الامين
بل "مراد" عشق قاضي الحاجات

(دل جي اندر عشق ائين آهي، جيئن آب حيات جو چشمو، جنهن مان خضر ظلمات ۾ ڪجهه پيتو هو. عشق عيسىٰ جو اثر رکندڙ ۽ جبرئيل آهي، بلڪ "مراد"! هي قاضي الحاجات آهي.)

( ٥ )

ڪجا شد سڪندر، سليمان و جم
و آئينہ، انگشتري، جام جم
ازان جملہ حشمت نشانے نماند
"مراد" گلے چين، مخور خار غم

(سڪندر، سليمان ۽ جمشيد ڪٿي آهن؟ انهن جي آرسي، مُنڊي ۽ پيالو ڪٿي آهن؟ سڀني دبدبي جو ڪوبہ نشان نہ رهيو. "مراد"! گل چونڊ، ڪنڊن جو غم نہ کاءُ.)

مٿيون انتخاب آهي، جو سنڌس فارسي ڪلام مان ڏنو اٿم. سندس ڪلام جي هن حصي ۾ بہ آهوئي بيخوديءَ جو جوش ۽ خروش، ۽ آهوئي حقانيت جو ساز ۽ سوز آهي. انسان جي پيدائش، قطرت جي صنعت جو وڏو ڪمال آهي. گوشت ۽ هڏن جو بيجوڙ مجموعو، پنجي، عقل ۽ حڪمت جي نُور سان مالامال ٿئي ٿو، ۽ زمين تي سروري حاصل ڪري ٿو. هڪ باڪمال صنعتگر جو هن ڪان وڏيڪ واضح مثال ٻيو ڪي نٿو سگهي. "مراد" سچ ٻڌائي ٿو:

ٻي شمع روشن ٿيندي رهي آهي، جنهن جي روشنيءَ سندن هميشه اخلاق ۽ ڪردار جي بلنديءَ کي نمايان پئي ڪيو آهي. "حافظ" سچ فرمايو آهي:

زانقلاب زمانه عجب مدار، که چرخ،
ازين فسانه هزاران هزار دارد ياد.

(زماني جي انقلاب کان عجب نه کاءِ، جو هيءُ آسمان اهڙن افسانن مان هزارين افسانا پاڻ وٽ ياد ٿو رکي.)

ليڪن اڄ اهي حق جون صدائون، تربيتون ۽ محفلون ڪٿي! "تِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ"— اِهو وقت آهي، جو ماڻهن ۾ ڦيرائيندا رهون ٿا. زماني جيءَ هيءَ نايڪسانيت، هردم حيات حاڪم جي لازوال حڪومت جو غيرفاني دليل آهي.

## ڪلام جي ترتيب لاءِ هيٺيان نسخا ڪم آندا ويا آهن

(الف) دستخط:

١- مخدوم حاجي امام بخش "خادم" (خ)

٢- ماستر ٺاڪورداس سرڳواسي (ٺ)

٣- بيراڳي فقير (ب)

٤- غلام علي "مسرور" (غ)

(سنڌس نامڪمل بياض تان نقل ڪيل)

(ب) ڇاپيل:

١- مسٽر بولچند راجپال (سنڌو رسالو)

٢- هريسنگ، بڪ سيلر، سکر.

# فقير روحل صوفي

# سنڌي ڪلام

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# توحيد جا بيت

( ١ )

جي تون صحيح سڃاڻين پاڻ، آهي قيمت سندو قطرو،
ڏوري ڪنهن قلوب مان، مذائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ (١) پرکي، سندو چڻن چاڻ،
نيت سائين توهين ساڻ، راتيان ڏينهن (٢) "روحل" چوي.

( ٢ )

صحيح سڃاڻج سچ، مڙج م ملامت ڪون،
گهڙي پنهنجي گهٽ ۾، پروانئي جيان پچ،
ماري ڪليج من مان، ڪوڙائيءَ جو ڪچ،
رنگ پيريان جي رچ، رات ڏينهان "روحل" چوي.

( ٣ )

جي لڳو آهي تان لاءِ، هينئڙو حبيبن سين،
پائي پيچ پريت جا، سپيريان ڏي ساهه،
وحدت ۾ ٿي واهه، "روحل" رتي روح جي.

( ٤ )

جي لڳو آهين تان لڳ، پيرپان سندي پيچري،
من موٗن محبوبن جو، صحيح سڃاڻج سڳ (٣).
ڇڏي جهوٽو جڳ، وڃي "روحل" رچج (٤) رنگ ۾.

---

(١) اهار ئم (ج). (٢) رات ڏينهان (ب). (٣) پڳ (ب). (٤) رتج (خ).

( ۵ )

پڙهيا بيد ڪتيب (١) جا، تا ڏين ڏورانهان ڏس،
سي سچ سڃاڻن ڪينڪي، موهيا پنهنجي مس،
رات ڏينهان "روحل" چوي، پڙهي تنهن کي رس،
پير پريان جو پس، نائي ڪنڌ قلوب ۾.

( ٦ )

پڙهڻ پڙجهڻ پاڻ ۾، وڏو فرق قير،
ڪاڏي منهن محبوب جو، ڪاڏي اکر اير،
ساڻ سڃاڻي سچ (٢) جي، جا موافق ٿيندو مير،
جن صحي سڃاتو پير، "روحل" رات ڏينهن تن کي.

( ٧ )

پڙهي پڙڌو جن، سي عاقل عقل جا ڏٺي،
سي "مٺو ٿوا" تي محبت ۾، پلپل پرين پسن،
تن تسليون تمام ڪيون، محب جن جي من،
"روحل" مٺان تن، لٿا حرف حساب جا.

( ٨ )

ڪاتب ڪاني ڪانهن جي (٣) ڪاغذ تي ڪم ڪاهه،
اکر جي ادراڪ جا، تنهن ۾ لکين لاهه،
قلم جو قلوب جو، مٿي وحدت واهه،
سهرين ڏي ساهه، "روحل" رتي روح جي.

( ٩ )

ڪفر ۽ اسلام ۾، تا پٽرن آيتا پير،
هڪ هندو پيا مسلمان، ٿيون وچ وڌائون وير،

(١) ڪتاب (خ). (٢) سچ (غ)، سمجهه (ب). (٣) جيان (ب).

آنڌن اوندهه نه لهي (١)، تن کي سچ چوندو ڪير؟
هر "روحل" راهه هرين جو، جان گهڙي ڏنوسي (٢) گهير،
ته رب مڙني ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سٽي ڪعبةالله ۾!

( ١٠ )

نه مون سڌ نه سار، اچي عشق آٿاريو اوچتو،
"روحل" چوي روح ۾، تن هرين جي پچار،
سي آڪين (٣) آيا سهرين، ياد ڪريندي يار،
ڏريا نيڻن نار، هسي منهن محبوب جو.

( ١١ )

نه مون جتن نه ڪتن، اچي عشق آٿاريو اوچتو،
"روحل" چوي روح ۾، محبت محبوبن،
سي ٿي سچڻ آئيا، تات جنين جيي تن،
جيءَ جڙي لڳي جتن، سي سائيءَ ميڙيا سهرين.

( ١٢ )

جي نه چاتم چاڻ، ته وسين ويڙهي وچ ۾،
عشق جي آهاءَ کي (٤)، اچي پير پسايو پاڻ،
"روحل" رنگ هسي ڪري، ڏيکو مستاماڻ،
سائين سدا ساڻ، مون آچائي (٥) تي آڇيو.

( ١٣ )

پنڌان جان پيهار، تان ڏون اکين کان پيي اوڏڙو،
"روحل" وسين روح ۾، وڃ نه پانئيان وار،

---

(١) لذي (خ) (ب). (٢) ڏنوسون (ب) (خ). (٣) اکين (خ) (غ).
(٤) آهاؤ تي (ب). (٥) مون اگيان آئي ئي آڇيو (خ).

جڻ جو سنج صبوح جو(١)، تو ڪري باغ بهار،
بيت نہ پانهنجو ماڻهؤ! هي وحدت جو ويچار،
دل ۾ ڪيا ديدار، عشق جنين اکين سين.

( ١٤ )

جن کي عشق اندر ۾، تن کي آيچ نہ ٻک،
وحدت منجھہ وصال جي، ٿا سدا مائين سک،
ڏور تنين کان(٢) ڏک، جي "روحل" رتا روح ۾.

( ١٥ )

پنهنجون اکيون پاڻ ۾، جوڙيو رکيون جن،
سي سؤ پيرا ساعت ۾، ٿا پلپل پرين پسن،
تن تحصيلون تمام ڪيون، محب جنين جي من،
"روحل" مٿون تن، لٿا حرف حساب جا.

( ١٦ )

وڃ ورهائن ڪاڻ، چو وچين پٺي هٽ ۾،
توکي پٽ پيهر پانهنجو، آئيو وڃ مڙوئي وٽ ۾،
جنهن ۾ نشو نينهن جو، سا ڪا ڪوئي هٽ ۾،
"روحل" محبت مور نہ مٽ ۾، توکي سڪ مان ٿيندو سوجهرو.

## پورب جو سُر

جي ننگ چڙي نانگا ٿيا، تن ناڻگن کهڙا ننگ،
گنگا ۾ گرنار جا، تن سامين چڙيا سنگ،
نکي واهن سگهيون، نکي چورن چنگ،
"روحل" لڳو رنگ، تن لاهوتين لقاءَ جو.

---

(١) جڻ سو سنجهہ صبوح جو (ب). (٢) تؤن (غ).

( ١٨ )

جي تَنَ ۾ تيرٿ ڪن، سي گنگا وچن ا، گودڙيا،
تن سامين سنديءَ سڪ جا، ٿا دونهان دل (١) دکن،
پير سڃاتو پرَ جو، لوچي لاهوتين،
لڳو رنگ "روحل" چوي، اندر آديسين،
ڪوجي ڪاهوڙين، وچي اونهي ۾ آسڻ ڪيا.

( ١٩ )

اونهي ۾ آسڻ ڪري، وچي ماڳ لڌائون مئور
تن تي جا آئي پهر اکنڊ ۾، ٿا ڪن تنوارون طنور،
آت "روحل" رات ا، ڏينهن ڪو، نکو سڻس (٢) نہ سور،
وچي ائوري گڏيا ڻور، لنگهي پيا لاهوت ڪان.

( ٢٠ )

نائي ڪنڌ ڪماه (٣) ڪان، جن نهاريو ناسوت،
راتيان ڏينهان، "روحل" چوي، آهي مائن ٿا ملڪوت،
پير سڃاڻي پرَ جو، جتا ۾ جبروت،
جوڳي جفائون ڪري، لنگهي پيا لاهوت،
سي آديسي اوڌوت، وچي نانگا گڏيا ناٿ کي.

( ٢١ )

نانگا گڏجي ناٿ سان، وري پيو هيڪ پيون،
سا ڪٿيائون ڪالهڙي، جو ڪَر ڏسن ڏنون،
"لا حجاب بيني و بينڪ"، وچون سپ ويون،
تهون پوءِ پيون، وچي پيوند پيچ پرينءَ سان.

(١) درد (خ). (٢) ستڻ (خ). (٣) سامي ڪنڌ ڪمان ڪان (ٿ).

( ٢٢ )

ڪو پَتَهه پيو جوڳين، تن ڪنيون ڪڙائون،
جاترا جوڳ جنهار جي، مون نہ مڃيائون،
سا پڙهون سوجهيائون، جنهن ۾ جوڳ نہ پوڳ ڪو.

( ٢٣ )

ڪو پَتَهه پيو جوڳين، پڙهيا تنهين پار،
جت گنگا نہ گومتي، نڪو جوڳ جنهار،
نہ ڪو ذڪر نہ فڪر ڪو، نہ ڪو سڏ تنوار،
نہ ڪا رات نہ ڏينهن ڪو، نہ ڪا جيت نہ هار،
لڳو رنگ "روحل" چوي، آت آديسين آپار،
جنهن جو آر نہ پار، وڃي تت ڪيائون تڪيو.

( ٢٤ )

برهہ ۽ بيراڳ جي، جن (١) جَڙ لڳي منجهہ جيءَ،
سڱو جهي سچ (٢) سرير مون، تن هريمن پاتو پيءَ،
مرڻ جيئڻ جو من مون، تن سامين لٿو سيءَ،
ناٿ نماڻا ٿي، وڃي "روحل" رَتا رام سين.

( ٢٥ )

جي رنگ رَچي رام جي، لاهوتي ٿيا لعل،
سير ڏنائون سَت ۾، ڪايا، مايا، مال،
ويا تن ڪان وسري، ڪوڙا سڀ خيال،
رات ڏينهان، "روحل" چوي، واليءَ سان وصال،
سي نانگا سدا نهال، جن درسن پاتو دوس (٣) جو.

---

(١) جن ڪي (غ). (٢) جنوءِ سوجهيائون (غ). (٣) دوست (ب).

( ٢٦ )

ڪَنهِڙِي تان هرڪو ڪَنهي، ۽ رهڻِي اوکي پات،
پڌري ٿيندي ذات، رهڻيءَ مان "روحل" چوي.

( ٢٧ )

ٽَو نشانيون نُور جون، عاشقن آهين:
هڪڙي ويهن واٽن تي، ٻيو ڪاٺڙ نه ڪائين،
ٽيون سر سڀڪنهن اگيان، ٿا نميو نوائين،
چوٿون پڌي ڪنن سان، وري نه ورجائين،
پنجون پهه پرينءَ سان، ٿا پَڪو پچائين،
ڇهون ڪُڇن ڪينڪي، ناتو نڀاهين،
ستون سڪ سڄڻ جي، ٿا لنؤ لنؤ لڳائين،
اٺون ڳالهه عجيب جي، ٿا واري ورجائين،
نائون ننڊ نيڻن ڪي، ٿا جودؤن جاڳائين،
تڏهن سيبائين، "روحل" دوساڻي دربار ۾.

( ٢٨ )

نڪا سِڪ سمهڻ ۾، نڪو جاڳڻ ۾ جَسُ،
نڪي خير ڪيلڻ ۾، نڪي روئڻ ۾ رَسُ،
ذاتي ذڪر زباني، اهو به اوري ڏسُ،
من جو مرشد پَسُ، ته "روحل" ملين روح الله سان.

( ٢٩ )

ٽئين ڏيئي پاڻ ۾، پَسان جان پيهي،
نڪو ملڪ، نڪا خلق، نڪي آسيڻي،
آسين ڳوليون جن ڪي، سي ٻڻ آسيڻي،
ٻي وائي ويئي، "روحل" هونگ پرين جي هڪڙي.

( ٣٠ )

عاشق الاهي آيا، جي قضا ڪين ڪرين،
نائي ڪنڌ قلوب تان، نمازون نيتين،
ڏين طوافون تن کي، مکو ٿي منجهين،
"روحل" روح سندين، هردم هوندو حج ۾.

## متفرقه

(١)

ڪِني ڪوڙهي ڪنُوڙي، آئيي نيچ نمائي،
سگڻ سمي جي سون ڪئي، سڀ جڳ سيبائيي،
جنهن راهه ريجهايو پانهنجو، "روحل" سا رائي،
سا متر متر ڪي مهائيي، ڪاڻ جنهين جي ڪچ ٻ.

(٢)

ڪاڻ جنهين جي ڪچ ٻ، سا ٿي سرون سر،
سمي جي سهاڳ سان، جنهن ڪي آيو نام نظر،
سا مٽيءَ منجهون ماڻهو ٿي، "روحل" چڙهي آهر،
سا چوڪهي گهر گهر، هوت جنهن جو حمايتي.

(٣)

رب ٿيو راضي، تڏهن مالڪ جو سنگ ٿيو،
ڪامل جي ڪرم سان، ٿي آڪ ڪان آجي،
رهي نه رتيءَ جيتري، "روحل" محتاجي،
ٿوري نوازي، جام سمي جاڻي ٻجهي.

(٤)

جي پاڻين جوڳي ٿيان، ڇڏ جيئڻ هي جنجال،
ڪارڻ قوت قرار جي، هتئون ڏٿين حال،
راتيان ڏينهان روح ٻ، خام ڳڻي ڌو خيال،
اج سيائي ڪنڌ تي، ڪڙڪي ايندو ڪال،
هي مڏيون هي مال، ڪم نه ايندو ڪڏهين.

(٥)

سائين سياجهو سڀ جو، آهي راهه رفيق،
آڏو آهي عشق جو، بيحد بحر عميق،
توحيدي طريق، "روحل" نه سمجهي عام ڌو.

## سُر سهڻي

( ١ )

ڪڇيءَ جي ڪُنن جي، جنين چِري وَسَ،
سي پَڪي پير نہ ڏينديون، تن ڪي چارو ڏي چسَ،
"روحل" چوي تن جي، جيڙري جايون ڪَسَ،
سي ليٽي پونديون لَسَ، تون مينهون پَسُ متيون.

( ٢ )

ڪڇو جي چارين، ميٺ چٽائي پاڻهنجي،
لالچ لڳي لوپ جي، وينديون نہ وارين،
"روحل" چوي ريج ۾، مينهون سڀ مارين،
هنجون سي هارين، تَوَري ڳهڻي ڏينهڙي.

( ٣ )

جن چاڻ سان چاڻ، سي مينهون پَسُ متيون،
ڳانيون جي ڪڇيءَ جون، سي ڪتين چيڙي جاڻ(١)،
جڏهن ورندي واهڻندي واڻ، تڏهن جائون پونڊن جان ۾.

( ٤ )

مانجهي جيرا جن جا، پَڪي ڪيڙا ڀاڪ،
چارو سو چرنديون، جو موريو مينهن ماڪ،
"روحل" چوي ريج ڪان، تن جي سرهيي سڄي ساڪ
سي تڪي ڏين نہ ٿاڪ، اندر آڇا جن جا.

---

(١) ڪالون جي ڪڇي چون، ڪتين ڪيري جاو (غ).

( ٥ )

ٻڪو جي چٽرن، تن جون مينهون ٻس ۾ ميريون،
اوسر اچي نه آن کي، توڻي گاهه ٻرن،
"روحل" ريج نه رنجيون، هو جي ڦانڪين منجهه ڦرن،
سي هڏهين ڪين مڙن، ڏڪائيءَ جي ڏک سان.

( ٦ )

ڪاچو ٿا ڪچين، طنابي تيڪ تاب مؤن،
آئي لام منڊي ۾، ٿا سٽؤ سڱيون سارين،
"روحل" رائو تن جا، نالا ٻڪارين،
جا ڪچي ٿا چاڙهين، سا پڪي ٿيندي پڌري.

# سرائکي کلام

( ١ )

دنيا ڏونڊ تي طالب ڪٺي، سڀنا مل ڪر تائي،
هڏي آتي هوڏ ٽنهاندي، وڙهندے عمر وهائي،
آنڌيان عشق الله دا چوڙيا، ڀٽي ولوڙن پائي،
”روحل“ راهه رباني باجهون، ٻي سڀ ڪوڙ ڪهائي.

( ٢ )

حج حضور تنهين ڪون لڀيا، سچ سڪ جنهين دي،
دل درياهه محبت دے وچ، تانگهن تانگهه تنهين دي،
رهن بي پرواهه هميشه، ڪيا پرواهه ڪنهين دي،
”روحل“ رنگ رباني لاڳا، ڀڃي آس منهين دي.

( ٣ )

ڪايا ميت پريت ڪر، پٿر، آتون محبت ڪلس چڙهائين،
من محراب سدا رک قبلے، جے تون شاهه ريجهائين،
پنج جماعتي پڙهن نمازان، هردم سنجهه صباحين،
”روحل“ روح ڪيتا ميل سجدا، حج حضور اٿاهين.

( ٤ )

چڪي دل درولي اندر، پئي حوض ڪوثر دي،
پيُو ڪر پيتي شوق شرابون، وٺي عشق آمر دي،
جنهن گهر ڪون مين ڍونڍيندي، گهٽي لڌي تنهن گهر دي،
”روحل“ رات ڳئي دن پايا، صورت دلبر دي.

( ٥ )

عشق چراغ ٿيا جب روشن، ڀني رات انڌيري،
گيا آنجن وچ پاءِ اکين دے، آئي ڪاڏي ڦيري،

جت ديکان آت آپا-درسي، سب گهٽ صورت ميري،
"روحل" رات گئي، دن پايا، نا ڪو وير نه ويري.

(٦)

چشما آب حياتي دا، دل اندر حوض حضوري،
سير دے سودے پيندے عاشق، ھر پٺ جنهان دي پوري،
سے جيندڙيان "موتوا" تي ڪر پيئے، پايا سک صبوري،
"روحل" رنگ هڪ دے رتے، سے نور ملے وچ نوري.

(٧)

چاڻ خودي تان خود ڪو پهچين، نال خودي خود پائين،
آھ دوئي وچ ديدار سجن دا، جڏن ڏوين وچ چائين،
بنا ڪيف لطيف نه ليندا، سڏن تان سچ آکائين،
"روحل" رانجهن دل وچ وسدا، ڏوئي نه سڄيان جائين.

(٨)

ايھ سنسار ٺڳان ٺڳ بازي، اکين نال ڏٺوسے،
ڏيک تماشا محب ملڻ دا، اھو فڪر پيوسے،
چشمان آب حياتي دا، دل اندر کول لڌوسے،
دستون ساقي تيا عنايت، پڙ ڪر جام پيتوسے،
"روحل" وچ رندان دي مجلس، نوشه، کول لڌوسے

(٩)

تون درياھ، سپر، مين مچلي، تون سنگ سدا سهيلي،
تيڏے عشق بنا جگ جيوڻ، ڏکي عمر ڏهيلي،
جس ڪون ذهين لڳا نوشه دا، وتے راج کهيلي،
"روحل" راز صنم دا، جنهن تے سا ماٿي سيج (١) سهيلي.

---

(١) سهج (گ).

( ۱۰ )

ڪو جو ڪامل ڪيتو، دلبر بار برهه، بچايو،
چپ چپاتي سٽي ڪونه گهڻن دستون ڪڙ جڳايو،
دل اندر ديدار ڪيتوسي، وچڙيا ڦيري سيلايو،
"روحل" ريجهه رهيا رنگ تيڏي، اکين عين ورڪايو.

( ۱۱ )

ڏِتا ساقي شوق شرابون، ڀر ڪر جام پيالا،
گردش دور فلڪ دا سارا، ميٽ گيا ڏک ڪشالا،
عشق خمار چڙهيا من ميڏي، سدا مگهن متوالا،
"روحل" رنگ رانجهن دا چوکا، ڇوڙ کيڙا منهن ڪالا.

( ۱۲ )

ديدار درونی اندر، پاءِ ڏتي جب جهاتي،
ٽتا تاڙا، ڪلف ڪفر دا، ٿيا ذڪر گهٽ ذاتي،
اکڙيان، اکين رنگ لڳوسي، کليا باغ جناتي،
"روحل" عشق پيالا پيتا، ڪنون وصال حياتي.

( ۱۳ )

خانه زاد پانهي جنهن در دي، تنهن سٽي ڪيها ماڻان،
نال سائين دي ڪيهڙا ليکا، جنهندا پيتا تاڻان،
عشق جنهن دل اندر آکي، لوُن لوُن وچ سماڻان،
"روحل" آپ تنهن کو ڏتا (۱)، جنهن هٿ جيءَ وڪاڻان.

( ۱۴ )

آتِ سنمدر، بهه رنگي سورت، من ميڏي وچ آنکي،
لڳا عشق، وسر گئي ڪايا، ميٽ گئي ممتا منڪي،

---

(۱) ڏتا (ک).

جنهن دي سڪ سوئي شه پايا، لڱڪ تهين دي لڱڪي،
"روحل" پريت لڳي تنهن دي، چئوني دل چئل چڱڪي.

( ١٥ )

چپ چپاتي ويڙهي دے وچ ميڏا نوشه آيا،
نه مئين سرمئو سينڌ ڪنڌائي، نه مين چندن لايا،
لؤن لؤن دے وچ جهوڪ جنهين دي، تني راضي رنگ لڳايا،
مئين مت هيڻ نمائي دا، چا سائين پاڻ وسايا،
"روحل" راه فقيري دا، ڪنهن ڀاڳ پرايت پايا.

( ١٦ )

اهو رانجهن، اهو ماهي، اهو هيرآ ڪائي،
جيوين پاڻي وچون(١) تيوے پالا، نهين پالا اهو پاڻي،
سڀ گهٽ دے وچ تونهين وسندا، لالن لامڪاني،
ٻيه رنگي گهرنا مين کيلي، ديکه دوئي شڪ نه آئي،
"روحل" راه اِلڪ دا اوکا، ڪيان عينڪ گهٽ چائي.

( ١٧ )

نه نيهي لا ٻهن جماعتان، نا استاد سڏاون،
دل درياه محبت دے وچ، رات ڏينهان تڙقاون،
جنهن دا درد تنهين دے در تي، نت آتے آپ ڪڻهاون،
سڀ صورت صاحب دي جاڻن، دوئي دل نه لاون،
"روحل" رنگ هيڪي دے رتے، سے سيڪنهن سيس نماون.

( ١٨ )

جي نيهي وچ سچ دے، رات ڏينهان رنگ رتے،
ڪنون شوق شراب حقيقي، پي پي پيالي مسڱکهي مستے،
دوزخ بهشت انهان تؤن نيارے، نهين سيتل نهين تتے،
"روحل" رات ڳئي، ڏن پايا، گهول انڌارے گهتے.

---

(١) پچ (گ).

جنهن کون لينهن لڳا، گهر اندر، سا ڪيون ٻاهر وتي،
جنهن کون تار برهه دي لڳي، چرخي تند نہ گهتي،
جا ڏيهي ڪتل ٻانهن سُتي شته سيتي، سا ڪيون آتڻ (۱) ڪتي؛
"روحل" رنگ تنهان دا ڳوڙها، جي عشق رڱڻ رنگ رتي.

( ٢٠ )

جڏان تو ايهه جيءَ پتي ڪر ماٽيا، تڏان تو راهه سڃاتي،
وچ درونی جهوڪ رانجهن دي، کول قفل (٢) ٻاهه جهاتي،
دل اندر ديدار سڄڻ دا، چشما آبحياتي،
"روحل" پُر ڪر پيئه پيالا، ذات ملي وچ (٣) ذاتي.

( ٢١ )

جنهان رمز رباني لڳي، سي ٿي صاحب آلبيلي،
وحدت وچ وصال تنهالدا، ڪرن نال سڄڻ هر ويلي،
دوئي دا داغ لٿا تنهن دل تون، نت رات ڏينهان دي سيلي،
"روحل" رات هجر دي هٽي، مليا يار سويلي.

( ٢٢ )

سهڻي صورت ويکڻ ڪارڻ، عشق لڳا من ميرا،
سڪ سڄڻ دي آڪر لايا، دل دي اندر ديرا،
پنج موزتي محڪم ڪيتي، گيان گهنيءَ وچ گهيرا،
"روحل" رات ڪٽي دن ٻايا، سيٽ ڪيا سڀ اندڌيرا.

( ٢٣ )

ذات ملي وچ ذاتي ماهي نال، تڏان سڀيا بڻ آئي،
انگ لکيا ڪاتب روز ازل دي، ڪيس کون خبر نہ ڪائي،
نال رانجهن دي، حق آساڏا، تڏان تو محبت لائي،
"روحل" رمز رباني لڳي، پاڪ پراهت ٻائي.

---

(۱) چرخا (گ). (٢) ڪلف (گ). ٣ وچ (گ).

( ٢٤ )

ڪايا ڪوٽ، ڏهين دروازي، دل دلبر دا ڏيرا،
لؤن لؤن ڏبي وچ تي خوشحالي، ڪيتا نوشه ڦيرا،
ڪوڙي سٽ کٿين دوزخ وچ، تيسي سچ نبيرا،
”روحل“ رات ڪٽي دن پايا، ميٽ ڳيا سڀ انڌيرا.

( ٢٥ )

بيخبري دي نيند وچون، آ دستون پڪڙ ڪي دوست جڳايا،
وچ انڌاري تي روشنائي، دلبر آ ڪي درس وکايا،
ذڪر فڪر دي جهڳڙي لٿي، سيج آتي چڙهه نوشه آيا،
ڏي ڳل ٻانهه پياري ستي، سهج ڪنون چا انگ لڳايا،
هجر وصال ڪنون جند ڇٽي، ”روحل“ وچون روح الله پايا.

# سي حرفي

الف- الله کر ياد سدا، نت وحدت وچ گذارين،
جيوڻ دے هن چار ڏهاڙے، خام خيال نه گهارين،
ايهه دنيا ڏوتيي ستي جڳ موهيا، چيٽ چاهين مت هارين،
"روحل" راهه فقيري دے وچ، غفلت ستون وسارين.

بي- بدبان تون کرين سدائين، فرصت کرين نه کائي،
متن وچ لعل نه ليکڻ کوئي، نڪا کران کمائي،
تيڏے راج قران البيلي، وتان پانهن لوڏائي،
"روحل" راز خصم دا جنهن تي، جڳ سهاڳڻ سائي.

تي- تن گهول گهتين دلبر توُن، سينا مول نه تنگين،
جام شراب رندان دے هتوُن، پريم پيالا منگين،
چڻي جند جواب سوالون، ٽٽے جهيڙے جنگين،
"روحل" راهه زباني دے وچ، ڏينديان سر نه سنگين.

ثي- ثابت کر الثريا مي، جي تون عاشق ٿيوين،
شوق شراب رندان دي مجلس، هلهل دے وچ پيوين،
لهي هول حساب حشر دا، قبر ستوا ول جيوين،
"روحل" رات پرم دي پڇي، نيهي نانهه سڏيوين.

جيم- جهان دنيا دا طالب، چوڙ تنهين دي ياري،
حرص، هوا، تڪبر کون، تڪ مارين کيبر کاري،
جنهان عشق الله دا چايا، تنهان تيڏي تاري،
"روحل" تي قربان تنهان تون، جنها ممتا ماري.

# سي حرفي

## (٢)

الف۔ الله دے نالے باجھون کوڑي اور ڪمائي،
دنيا ڈوني سب جگ موهيا، تيڪون سمجھ نہ آئي،
نال رذالي لاتھ ياري، ڈاريہ چاڻ نہ ڪائي،
جنهن اهين رن ڪنون منهن موڙيا، "روحل" راهہ حقيقي پائي.

بي۔ بازي واه بڻائي صاحب، طالب طلسم والي،
ڪوئي سمجھے پَرش حقيقت، ساري آلٽي چالي،
حال حقيقت حاصل ڪر گھن، جوئي قيل مقالي،
سر دے سودے باجھون "روحل"، لڳدي مشڪل لالي.

تي۔ تات طلب رک هردم دل ۾، طالب دلبر والي،
باطن هويا ہرحال جنهيندا، جاڻي نہ انکل ظاهر والي،
هر رنگ دے وچ ويکھے ظاهر، قدرت قادر والي،
راز حقيقي ويکين "روحل"، کولين ڪيڙڪي اندر والي.

ثي۔ ثابت بولي دلبر والي، باقي ڪوڙ ڪهاڻي،
هرجا وسدا حسن حقيقي، چاڻ اهوئي جاڻيي،
رمز حقيقت والي ظاهر، هيڪو قوتا پاڻي،
حال اهو جے پاوين "روحل"، منزل اعلى ماڻي.

جيم۔ جڏهانڪر سر تي چايم، بار محبت والا،
حال عجائب سر تے آيا، هردم حيرت والا،
هرجا راڳ ربوبي ڳاوے، مطرب وحدت والا،
سپ دي همت ناهين "روحل"، جاڻے همت والا.

موهه اهنڪار ڪنون ڪرپاسا ڪام ڪروڌ ڪون ڏاوے،
"روحل" سرڻا اڳے جوئي مَردے، ول سوت نہ
آنهان نون آوے.

واو- ويکين جنسار حقيقت والا، ماهي هرجا حاضر،
گگن منڊل دي گردش اندر، نقش آنهيندا ظاهر،
ڪُل ڦُل جوت جمال دے شيدا، ذڪر ذاتي وچ ذاڪر،
"روحل" شڪ نہ آئين ڪوئي، اهو اندر پاهر.

هي- هدايت حق دي باجهون، جوڙ نہ ڪوئي جوڙين،
چوراسي لک پيري دا، سنسا سارا توڙين،
نرمل نُوري طوطي دا، حال حقيقت ووڙين،
"روحل" رمز رباني باجهون، اور طريقا ڇوڙين.

لا- لؤن لؤن دے رچ لات لطيفي، اور نہ ڪوئي ٻولي،
پريم سا گردي چڙهندي لهندي رهندي هردم ڇولي،
رتن امولڪ ميل گيا مينون، پَر گئي خالي جهولي،
"روحل" آنند هويا حاصل، پريم دي لڳ گئي هولي.

يي- يقين دي منزل چاڙين، عشق حقيقت، عشق طريقت،
عشق بنا ايهه عمر اجائي، عشق هي عالم، عشق هيي دولت،
چاڙ اهين ڪنون منهن نا موڙين، عشق هيي مذهب،
عشق هيي ملت،
"روحل" قول اهو نا فاسد، عشق عبادت، عشق هيي طاقت.

# ڪافيون

( ١ )

سڄڻ مون پاڻ ڀر ڪيو، رهيو اندر روح،
رهيو اندر روح، سنئيان، سنجهه صبوح.
١- آڇو ڪنديس آنءُ جا، تاري متان تُوهه...
٢- منهنجو من مِٺڙي پيو، چڙهي ڪارا ڪوهه...
٣- وڻ ٽڻ وائي هڪڙي، ڀريان جي پاپوهه...
٤- سينگار ڪنديس سنگ جان، ڏيئي روغن روح...
٥- "روحل" رَتو رنگ ۾، ويئو ڪري وروهه...

( ٢ )

پوءِ ڀروڙيم ڀنڊ، وو، جيجان جوڳيڙن جو.
١- نڪي ڏاهي هليا،
نڪي جوڙيائون هنڊ، وو...
٢- نڪي وڃائن مرليون،
نڪي چوريائون چنگ، وو...
٣- نڪي ڏوتيائون ڏوتيون،
نڪي ڏوتائون لنگ، وو...
٤- نانگا نڪتا نِنگ مُون،
تن نانگن ڪهڙو ننگ، وو...
٥- لڳو لاهوتين جو،
"روحل" توکي رنگ، وو...

( ٣ )

سانول تنهنجي سِڪ، ڏاڍي شهر ڀنڀور ۾!
١- ڪجهيون ڳالهيون شهر ڀنڀور جون،
لوڪون ڪر ليڪ...

٢- راتيان ڏينهان روح ۾،
چولي ڪيو چڪ چڪ...
٣- سر ڏئي سڙڪي سي پين،
وَتيءَ ۾ پڪ پڪ...
٤- ”روحل“ روح الله سان،
وڃي ٿيو هڪ هڪ...

(٤)

ڏونگر ڇا ڪندو، جبل ڇا ڪندو،
جڏهن پڇي آهيان حبيبن هنج ۾.
١- بحاليءَ جي مڪان ۾، زاس ڪونه رهندو—
سچو امر الله جو، وات وٺي هلبو.
٢- جالي هن جهان ۾، وت رَت روئندو—
حيلا ڪيم هزار، وريو ڪونه ورندو.
٣- ”روحل“ روح نه ايڏو، هل پيرين پند ڪندو—
پلصراط جي وات، لحظي ۾ لنگهندو.

(٥)

ڪنڊڙيءَ ۾ ڪلتار ڏٺو سي، رانجهو رمزن وارو يار.
١- ”وفي انفسڪم افلا تبصرون“، مخفي هي اسرار...
٢- رمز رندن جي ڪوڪو پرکي، برهه جو باري بار...
٣- وحدت واري وات وٺج تون، وِٺي نه آئج وار...
٤- ”روحل“ رهجان رمز انهيءَ ۾، بي سڀ ڪوڙي ڪار...

(٦)

ماهي ميڏا مير ٿي آيا، سَنڌ سَنڌ وچ ملڪ جيءَ جڳايا.
١- ڏيو مبارڪ مل مل سَنيان، ڪود حبيب دي آن ڪي پئيان.
وه ميڏا مير، هندي ٿيئان، ديکيا درس، بهت سڪ پايا.

۲- انگن آيا پريتم پيارا، باجي نوبت نينهن نقارا،
لؤن لؤن وسدا ملايا چهنڪارا، مڻن مڻن ڌن پريت گيت گايا.
۲- مين آيائي نينهن ڪيا چاڙان، نال تهائي دئي ڪرنا ماڏان،
"روحل" دےتون ساهه سيپيٽان، مين پانهڙي ڪون چا گل لايا.

( ۷ )

نينهن لڳا من پيارے دا،
پيارے دا، ڪلنگي وارے دا.

۱- پيهان لوڪان نون موت مرينداں،
عاشق قتل نظارے دا...

۲- چند ڪيڙيا سارا عالم ويکے،
مين ويکان رخ پيارے دا...

۳- هردم جهان وچ ڪنل رهيا هے،
هڪوئي گُنل هزارے دا...

۴- "روحل" رين هجر دي ڪٽي،
ڍونڍ لڌا گهر سارے دا...

( ۸ )

لگڙا پاڻ ماهي دا من وچ، هو حيراني ڪڙيان.

۱- خوني دو چشمان يار ميڏے ديان،
زور دو ناليان لڙيان...

۲- دردمندا دے سارڻ ڪيتے،
فوجان حسن ديا چڙهيان...

۳- "متين" دا ڪوٽ ڪيتے اتڪن،
پهٽن جگر وچ وڙيان...

۴- "روحل" روپ رانجهن ديان رمزان،
چا ڪر پيچ اڙائين آڙيان...

( ٩ )

يار طبيبا، وي ميان، دوست طبيبا، وي ميان،
تيڏي ڳالهيان مول نہ ڀاوين.

١- سڙول هي ميڪون يار سڄڻ دا،
نبضان نون هٿ نہ لاوين، يار طبيبا...

٢- اڳڻ عجيبان دي ويندي،
هيٺا حال سڻاويندڻ، يار طبيبا...

٣- ٿڪيا ٿڪيان پيءِ ڪون ڏيوين،
ميئن ڪون محب ملاوين، يار طبيبا...

٤- ٿڪيان تيڏيان فرق نا ڪريندَيان،
اتاحق هرج نہ لاوين، يار طبيبا...

٥- آکي ”روحل“ رب حسينن ڏي،
درسن پاڪ وکاوين، يار طبيبا...

( ١٠ )

ايهہ دل ڏولڻ سائين، جند وڇوڙا سهندا ناهين،
اکيان سڪنديون ويکڻ ڪيتہ ، ڪول گهونگهٽ چا سائين.

١- تو بن دل هي درساندي،
سيج سڃي نيڻان نند نهين آوندي،
ڪرڙ رستي آتي پڇان پاندي،
ٻولي ٻولي ڪانگ آڏائين.

٢- ڪنهن سيا ڪي سڌ سڻايا،
جان جاڳان تان جاني آيا،
اکيان ويک ماهي ڳل لايا،
شادي ستين ڪيڏ هٿ ڏ ول وچائين.

۳- عشق سوداگر اهڙ ڪيتا،
سر دا سودا رانجهن ليتا،
"روحل" آکه سليا من ميتا،
ڏے گل پانهن سدا مڪ پائين.

( ۱۱ )

سڄهيلڙي عاشق ٿيوان، سيڏي دانا وے،
عشق الله دا مشڪل ہوندا.
۱- عشق الله دا اوکا آڻانگا،
نهين رکدا سر دا سانگا،
خون جگر دا پيوان ـــ
عشق الله دا مشڪل ہوندا.
۲- جوگ جگت وچ آهن جاڳا،
سڙت دي سُئي، ڌيان دا ڌاڳا،
گيان دي گودڙي سيوان ـــ
عشق الله دا مشڪل ہوندا.
۳- "روحل" آکے مست موالي،
دردوندان دي ہے اهائي چالي،
جيئندي مر کر جيوان ـــ
عشق الله دا مشڪل ہوندا.

( ۱۲ )

سئنيان ڙي مين ايه نہ جاتا چاڻ، وسندا دل وچ.
۱- مين متوالي باهر ڍوندينديي،
جهنگل روهه ہٿي وڙيندي،
شهر رانجهن دے ڪاڻ ـ وسندا دل وچ.
۲- اوُن اوُن وچ ہے جهوڪ جنهيندي،
ڳالهه نهين ہے چوڻ آکيندي،
اوميڏا تے مين آهندي هاڻ ـ وسندا دل وچ.

٣- پاڻ ۾ سڪي ميل منگل ڪيائين،
"روحل" رات ڪٽي دن پايا،
ڇوڙيندا مهيتا پاڻ وسندا دل وچ.

(١٣)

اکڙين پريم پيالا پيتا، ڪا جا سڪيان چالي.
١- جيت ويکان اتي موهني مورت، ساهي ميڏي والي...
٢- لون لون وچ هي جهوڪ جنهيندي، جاء نهين ڪا خالي...
٣- جنهن دل اندر ديدار نه ڪيتا، ڪاڏا نانگڻ ڪالي...
٤- "روحل" رنگ رباني رتڙا، درجا پاتا عالي...

(١٤)

لوڪ آکي "روحل" بوليندا،
ڪوئي آکي هي ذات زنگيجاء
نهين "روحل" نهين ذات زنگيجا،
اي ڪنهن سر الاهي هي.
١- ڪفر اسلام ڏونهان تون نيارا،
جيوين جل دي اندر ڏيکن تارا،
دل دريا وچ ڪيڏ اساڏا،
جيوين پاڻي وچ ماهي هي.
٢- ڪيئي ڪوڙا ڪيئي سچا مڏيندي،
رمز رندي دي نهين سمجهيندي،
او ڪيا جاڻن حال اساڏا،
جنهن دل داغ سياهي هي.
٣- ڪامل مرشد راهه بتايا،
"روحل" وچون روح الله پايا،
آخر ذات سڀني وچ ذاتين،
ڏيندا عشق اوگاهي هي،

(۱۵)

ماهي وسندا دل دے نيڙے،
کھول گھتان تنهن تون کيڙے،

۱- ساڏي پيت سُهاون جائين،
جت وسندا رانجهن نيڙے،
نيت ويکان سنجهہ صباحين،
طعني ڏيندے ڏکي پيڙے.

۲- سيڏي دل وچ تيڏيان جهوکان،
ڏَر دي، لڪ نہ سگهان مين لوکان،
لگڙيان عشق تيڏيان دي نوکان،
تُنهن بن مُول نہ پاون ويڙهے.

۳- سيج آتي چڙهہ نوشهہ آيا،
سهج کنون چا انگ لگايا،
جنهن دي آهي سو شهہ پايا،
لگي محبت کون بکيڙے

۴- دلبر دل دي کيڙکي کولي،
لک چوراسي دي سمجهي بولي،
”روحل“ چنڊ پيا وچ جهولي،
ٿيڙے سياليان دے جوئے جهيڙے.

(۱۶)

سئيان مين نون ايوين پاوے،
چڙهہ عرش کرسي تے درسن ڏکاوے.

۱- تن من دا مين کَران وچاڻان،
سيج پيئا چڙهہ آوے...

۲- پانچ سکي ميل منگل گاوے،
هير ماهي دا در پاوے...

۳- ”روحل“ روح دا مليا ماهي،
کيڙ ان دي کوڙي دعاوے...

# فقير مراد صوفي

# سنڌي ڪلام

## معرفت

(۱)

سا مٿن (۱) سڪ (۲) "مراد" چوي، جا ٻر پتنگن،
آچن آچتل سامهان، سِرَ جو سانگ نہ ڪن،
جن کي موت مشاهدو، سي رَتيءِ ڪين رهن،
ساعت سين نہ سهن، پاڻ ٻراٻر ٻيرِ جي.

(۲)

جي اچين تان اچ، آئيي اچ "مراد" مشاهدو،
ٻٽيي پروانن جان، رنگ پريانِ جي رچ،
ٻسي موت م مچ، آئيي سِرَ جي سانئي سنوِرين.

(۳)

جي پارينِ تان پار، اندر باهہ برهہ جي،
متي مچ، "مراد" چئي، ڪئي پتنگن پچار،
تہ جيڏري جانب نہ سڙي، تونئي حيلا ڪرين هزار،
دوسائيءَ درپار، ٿا مٿوا ڪن مشاهدو.

(۴)

جي اچين تان آءُ، آئيي اچ "مراد" مشاهدو،
ٿِء تون پروانن جان، متي عشق آهاءُ،
ترس م ٻسي تاءُ، آئيي سِرَ جي سانئي سنوِرين.

(۵)

محبت جي ميدان ۾، ڏيئو سر ثواب،
جو آڏو عجيبن کي، آهي هڻڻ جو حجاب،

---

(۱) سامين (غ). (۲) سڪ (غ).

مٿي تہ آهين، ”مراد“ چوي، محبوبن جو ٻاب،
جنهن سو گُل گلاب، تني (١) پيش جھڪايو پاتشاه.

( ٦ )

جي تون عاشق آهين، وڃي سور ورهاءِ،
سدا سيڪ پرين جي، اندر روح رهاءِ،
اکين منجھہ، ”مراد“ چئي، ڪر جانب جي جاءِ،
پل پل ۾ پيو پاءِ، سُرمون سورين جو.

( ٧ )

جي تون سچي ساهي، آهي سيڪ پرين جي،
تہ مُڙج ۾ ملامت ڪون، هيءَ رهبر آئي راه،
پنڌي پورو ٿيءُ تون، ڪنهين وجھہ ڪياه،
ڪُڇ ڪنهين سان ڪينڪي، جا وٺي سا واه،
صبر ريءَ صلاح، ٻي ڪانهي مٿور ”مراد“ چئي.

( ٨ )

جي تو سيڪ پرين جي، تہ ناحق ڏور ۾ ڏور،
”هو الاول، هو الآخر“، جنهن سو نيئين نُور،
”هو الظاهر، هو الباطن“، هردم آه حضور،
پيا سب فند فتُور، ماري ڪيل، ”مراد“ چئي.

( ٩ )

مٿن جي مت، ”مراد“ چئي، هيئين آڻ نہ هنڌ،
پاندو پيچ پرم جو، هي تيڪر تو کي چنڌ،
تہ ڪنير ڪيچئين ڪنڌ، تو کي پيهر پاري ڪينڪي.

( ١٠ )

مٿن جي مت، ”مراد“ چئي، تون هيئين هنڌ ۾ آڻ،

---

(١) تئن (غ).

سو ڏيکر ٿوکي چڙ توں، جنهن پاڻيڏي پيڙو پاڻ،
ته ڪنير ڪڇين ساڻ، توکي پيهر پاري ڪينڪي.

( ۱۱ )

هڪ وار نه ڏٺي يار، تو وايون ڪرين وصال جون،
ڪٿي نه قطري جيترو دل اندر ديدار،
لافون اکيون لوڪ جي، تو هڻين لک هزار،
"لعنت الله علي الڪاذبين، هيءَ ڪوڙن سين ڪار،
جي پڇئي ته پار(۱)، نه ته ميثي مات، "مراد" چئي.

( ۱۲ )

جئن سو سهس سمنڊ ۾، لهرين (۲) لک هزار،
تئن وحدت جي درياهه مان، ٿيو پيدا سڀ سنسار،
چمڻ مرڻ "مراد" چئي، پسي پائيءَ جو پار،
پيو ڪونهي ڏٺي ڏار، آهي سڀ گهٽ نور نيسهرو.

( ۱۳ )

ڪٿي ڪٿي پيڪو، ۽ رهٽي ڪين رهن،
ذات نه پڙجهن پانهنجي، تا ٻڌيو بات ٻڪن،
سي متن ميرا "مراد" چوي، ليڪيا ڪين ليکن،
توڙي ڪوڙين مڪر ڪن، ته به پارين آهن پڌرا.

( ۱۴ )

جن ڪي عشق جاڳائيو(۳)، سي ننڊين ننڊون ڪئن ڪن،
پيي پيالا پڙ ٿيا، هٿئون حبيبن،
صورت سڀرين جي آٺ ئي پهر پسن،
"مراد" مرادون تن، پير گڏجي هوريون ٿيون.

---

(۱) جي پولين ته پاڙ (ب). (۲) لهريون (غ). (۳) جنڳائيو (ب).

( ١٥ )

جن کي منجهه معراج، آهي حجّ ”مراد“ حضور جو،
سي مڪّي جا محتاج، ڪامل ٿين ڪينڪي.

( ١٦ )

وحدت جن وجود، آهي ڪعبو تن جو ڪوڏيو،
سي ڪنهن کي ڪن سجود، جي پاڻ ”مراد“ مڪّو ٿيا.

( ١٧ )

دنيا ڪارڻ دين کي، ٿو وڃي وسارين،
کيئي بازي بانورا، هٿين ٿو هارين،
ماري من ”مراد“ چئي، جي وحدت ڏي وارين،
ته هوند جاڏي نهارين، تاڏي سڄڻ پسين سامهان.

( ١٨ )

تن، ورين، من ورين، چيت ورين، دل يار،
آندو پاهر مڪرين، وڃ نه آهي وار،
اکين منجهه ”مراد“ چوي، پيو ڪونه قريبين ڏار،
جاڏي ڪريان نهار، تاڏي سڄڻ پسان سامهان.

( ١٩ )

تون آهين تئن پرينءَ سان، جئن پاڻي ۾ ماڪ،
ڦوڙائو، فراق، تو تي ڪونهي متُو ”مراد“ چئي.

( ٢٠ )

تون آهين تئن ورينءَ سان، جئن پاڻيءَ ۾ پارو،
هيءَ پس ۾ پسارو، جو آهي مڙو(١) محبت ”مراد“ چئي.

---

(١) مڙئي (غ).

( ٢١ )

آئين ويهرن مان ٻيهر، ۽ ٻاءِ ٻيهر کان ٻي ڪم،
گهڙي تان گهٽو ٿئي، جي ڏرس ڪٿي هڪ دم،
ته هوند لهندين گوندر غم، محشر جا "مراد" چئي.

( ٢٢ )

آکر پڙهي سڀڪو، نقطو پڙهي نه ڪو،
ورق جو وصال جو، ساري سڀڪي نه ڪو،
معنيٰ ڪارڻ "مراد" چئي، هٿ هٿندو ٻو(١).
واٽي تنهن ڪي وو، جنهن دوست نه ڏٺو دل ۾.

( ٢٣ )

ڪنز، قدوري، قافيه، توڙي پڙهن نحو صرف،
توهه مٿان کان "مراد" چئي، اينداءَ ڪين الف،
جنهن کي هادي ڏنو حرف، تنهن کي علم سڀ عيان ٿيو.

( ٢٤ )

حاجي مڪي هليا، ۽ ٿا عاشق عرش وڃن،
هُو سير(٢) ٻيسي سرها ٿيا، هُو ٿا حج حضور پڙهن،
هن تن من منجهه طواف ڪيو، هُو ٿا پورا پيت ڀڃن،
سي اندا ساڻ سڄڻ، ڪئن موافق ٿين "مراد" چئي.

( ٢٥ )

هڪ عابد باغ بهشت لئه، ٿا ياد عبادت ڪن،
ٻيا طالب طريقن ۾، مٿو ڙهلا ٻيس منجهن،
ڪي قلبي، روحي، خفي، اخفا، سرّيءَ نا سمجهن،
۽ آهه قرباني تن، جن هي پردا ڦاڙي ڇڏيا.

---

(١) ٻوءِ (غ) (٢) سيج (ب).

(٢٦)

"لا" کي لاٿو جن، ۽ ثابت ڪيو اثبات کي،
سي عاشق اولي ۾ آيا، ٿا نيت نماز پڙهن،
سي ذاتي ذات کي ويجها ٿيا(١)، ٿا سنمک سجدو ڪن،
سي هردم ٻرين ٻسن، جي "موتوا" ٿيا "مراد" چئي.

(٢٧)

هادي! هدايت جو، ڪو پيالو مون پيار،
مستي جا محبت جي، سا مون ذات ڏيار،
وسيز ڪيم "مراد" چئي، م کي مون وسار،
سا ڪا نظر نهار، جنهن سان تنهنجي رنگ رچي رهان.

(٢٨)

ڪلمو پڙهي سيڪو، ۽ سرجهڻ پري ٿيو،
پڙهي جن سرجهيو، تن ڪينو ڪين ڪيو،
"آنا احمد"، "مراد" چوي، وحدت منجهه ويو،
وڃي تيت پيو، جيت حق حقيقت هيڪڙي.

(٢٩)

ڪثمو قلوب ۾، سي هردم حق ٻسن،
وڃي وحدت ۾ پيا، پرتا پيان پرين،
وي اللهه اکين ۾، پيو قطرو ڪين سهن،
"مراد" مرادون تن، پر ٻسي پوريون ٿيون.

(٣٠)

چڙهي چيتن رنگ، لنءَ لنءَ ۾ لالي،
خاوند ريءَ خالي، سڀئي ڀاهوڙ ڏسان.

(٣١)

هڻ ساڻ اللهه، عيش ۽ عيشن جهڙو،
چاجي روءِ زمين جي، شاهي ڪري شاهه،
پر تنهن کان بهتر آهي، هڪيڊ ۾ هڻ هوت سان.

---

(١) ذوالوجهين (ب).

## سر سهڻي

( ١ )

جنهن کي عشق اُٿاريو، سا سانگو ڪري نہ ساهہ،
موٽڻ تنهن کي ميهڻو(١)، ڀَسي دور درياهہ،
جهَلِيي رهي نہ جهول ۾، ڏي لهرين مٿي لاهہ،
ساهڙ جي صلاح، وجي ميلي مَنڌ، "مراد" چئي.

( ٢ )

مٿي مَٿي مهراڻ جو، نہ ڪو آر نہ پار،
لهرين ليکو ناهہ ڪو، اونهو جت آجهار،
آڻ تاريءَ کي تار ۾، جڏن تارَين تڏن تار،
منهنجي ساڻ ميهار، ڪج ملاقات "مراد" چئي.

( ٣ )

توڻ تارين تان تار، هيءَ آڻ تاري مهراڻ ۾،
ليکين لهريون لَس وهن، اوپارون اوتار،
جت ڪَهر ڪُنَ ڪڙڪا ڪري، پيو آڏي پڄهي پار،
آت (٢) پرين لنگهائج پار، ڪَج مون مَهت "مراد" چئي.

( ٤ )

ميَرَ سائر هيڪڙو، لهرين لک هزار،
"تون" جي هن تار مون، پلي وريهہ پچار،
مَرجيو "مراد" تي، پيهي و يهہ پاتار،
تان تائي نيڻ نهار، تہ سنجهيئي موتي لَهين.

---

(١) ميهڻو (غ) (٢) هُت (ب).

( ٥ )

نہ آورار نہ پار(١)، نڪو ساھڙ سيرَ ۾،
چاڪي چوليءَ ۾ گھڙين، آئي مَن ميھار،
توھي(٢) ۾ تڪرار، آھي منڊا "مراد" چئي.

( ٦ )

تو ھيي (٣) منجھہ مھراڻ، تو ۾ ماڳ ميھار جو،
دلبر آئي دل ۾، چو پاڻيءَ وجھين پاڻ،
ويٺي ڪر قريب سان، اندر روح رھاڻ،
تو ساھڙ توئي ساڻ، آھي سڪنھن مھل "مراد" چئي.

( ٧ )

جنھن سيبائي ساڻ، سيٺھہ ڪنئين سچ جي،
لھر نہ لوڏي (٤) تن کي، جا گھوري گھري پاڻ،
محبت جو مھراڻ، ڏو تاري اڻ تاريءَ کي.

( ٨ )

جن کي سيٺھہ سچ جي، سي تڙھي تات نہ ڪن،
ڪڏين نہ ڪاڻ ڪنڀار جي، پيلي تي نہ پڳلن،
رکي روح رضا تي، ٿا طالب تار ترن،
سي محبتي سڙن، وچي ڀحب ساڻ "مراد" چئي.

( ٩ )

پيلي تي ۾ پڳلاءِ، جو ڪچي مان ڪين ٿئي،
توھہ تنھنجو ترھو، ڏو لھريون لَس لنگھاءِ،
ڪھڙو پوڻ پرين جو، جن پيڙي پاجھہ سنداءِ،
اچي ھرين پاڻ پساءِ، ڪر موڻ تي مٿھت "مراد" چئي.

( ١٠ )

ترج ڪيم ترس، محبت جي مھرياڻ (٥) ۾،
پڇائيندي (٦) پرَ کي، خوف ۾ پانئج خس،

---

(١) نہ آو آر نہ پار (ب). (٢) توُنھين (غ). (٣) تونھين (غ).
(٤) اوڏي (غ). (٥) مھراڻ (غ). (٦) پھچائيندي (ب).

ويئي ماڻ "مراد" چئي، روز رهائيون(١) رسُ،
تون پاڻ پرجهي پسُ، جو آئي ساهون ساهڙ اوڏڙو.

( ١١ )

مري جيئڻ تان منگُ، پيالو پريت جو،
نهوڙيندءِ نڪريان، آئي نينهن نهنگُ،
تاڻي نيندءِ تار ۾، وجهي وحدت ونگُ،
تون ڏيندي سر سنگُ، ته پسين محب "مراد" چئي.

( ١٢ )

جڏهن سڏائين سانپر، تڏهن سانپر ٿي متهئي ڪي،
وڏون ور آئي ڪري، وجي پئي ورين ور،
جا گهڙي ڪر ڪنن ۾ تنهن جي قادر لهج ڪر،
سا نيئي ميڙ ميهر، منجهون مهر "مراد" چئي.

---

(١) ڏهاڙي (ب).

## بيت سوال - جواب سسئيءَ جا

سوال :

تڙ تڙ تڪ ۾ تور، ٿي ڪيچ ڪجاڙي ڪي وڃين؟
نڪي هاڙهي هوت ويو، نڪي حب، هنگور،
موٽي وڃ "مراد" چئي، پوري! منجهه پنهور،
ناحق ڏيهه ۾ ڏور، آتي دل ۾ ديرو دوست جو.

جواب :

عاشقن ائين، ڪين سري ري سڄڻين (۱)،
موٽڻ جا "مراد" چئي، تون ڪئن ٿو ڏس ڏئين،
پيالو پريت جو، جي هٿون هوت پئين،
ته جانڪو ڏينهن جئين، تان ڪوڪون ڪرين قاف ۾.

سوال :

قاف ڪجاڙي ڪاڻ، ٿي ڪوڪون ڪرين قرب (۲) لئه.
جن پرين لئه پند ڪرين، سي تان توهي (۳) ساڻ،
موٽي وڃ "مراد" چئي، اوکي مڃند آڇاڻ،
پيهي پهارج پاڻ، آتي دل ۾ ديرو دوست جو.

جواب :

جي دوس پنهنجي دل ۾، سڄڻ ڏٺو جن،
ويهڻ تن کي وهه ٿيو، نڪي سک سمهن،
موٽن ڪئن "مراد" مي، سڀ جنن جي من،
هڪ تات نه آتي تن، پيو آڪنڊين آڏو ورين.

سوال :

آڪنڊين آڏو ورين؟ سنئون ڏنوسون ڏس،
محبتن "مراد" چئي، شل گهوري لڳي ۾ ڪس،

---

(۱) سڄڻان (ب). (۲) ڪوڪون ڪرين ڪاڻ لئه (ب). (۳) توهين (خ).

دلبر اٿئي دل ۾، رڙهي تنهن کي رس،
ته جڳ پڻ چيئي (۱) جس، هوت ۾ گڏجي هٿهين.

جواب:

جس تنين کي ايکيو، جي جو دون جهد ڪن،
گهڙي لڏائون گهٽ ۾، سندو ميرِ مرين،
وهه پيا وحدت جي، ٻيون ڏنائون ٻن،
تن سڀ ته سالڪن، ويا هي-هي ڪندا حق ڏي.

سوال:

هي-هي هينئين ۾ ڪجي، تون ٻاهر بات م ٻڪ،
"الانسان سِرّي وَ آنا سِرّه"، ساري پڙهه سبق،
"نحن اقرب اليه مِن حبل الورِيد" واري ٻس ورق،
ته هاري! توکي حق، هوت ۾ گڏجي هٿهين.

جواب:

جي هٿهين هوت ٿيو، تان ٻي ڏاڍي ڪنهن ڏک سڙي،
"الست بربڪم"، "قالوا" ڪن ٻيو،
"ڪل شيءٍ قدير"، تنهي سڀ ويو،
تهان ٻوءِ ٿيو، پس پار پرينءَ جو.

سوال:

جي ٻسين ٻار پرين جو، تان رڙهج متي راهه،
دلبر آئي دل ۾، ڪاڏي ڪندينءَ ڪاهه،
"ڪُل شيءٍ محيط" سڄ هئي صلاح،
ساجن شامل ساهه، آئي محب "مراد" چئي.

جواب:

ساجن ڏڻون سؤ وار، سر صدقو ڪريان ساهه سان،
تن ۾ اٿم تنهن جي، اٿئي پهر پچار،

---

(۱) رهيئي (ب).

جي پاڻ نہ هلين پير ڏي، تہ وينديس هڏ ۾ وار،
توڙي حيلا ڪرين هزار، تان پيئي پير پوئاهون نہ ڪٿان.

سوال:

پڌر ڪڻ ۾ پير، هل هينئين سين هوت ڏي،
تو هي منجهہ ”مراد“ چئي، سپيريان جو سير،
سي سڀ سجڻ تنهنجا، جي ڏجهڻ پانيئي ڏير،
وڃون لاهي وير، هل تہ پسين هوت کي.

جواب:

جن پروڙيو پاڻ ۾، وريو تن وصال،
ويا تنين ڪان وسري، ڪايا، مايا ڪال،
محو ٿيا محبوب سان، ڪُڇن قيل نہ قال،
سي ڪيئڙا نينهن نهال، محبتي ”مراد“ چئي.

سوال:

وڃي وهائي، تو سمهندي صبح (۱) ٿيو،
”موتوا قبل انتموتوا“، چاتئي نہ چائي،
پاڻ نہ ماريئہ پير لئہ، ٿي واتون واڪائي،
حيف وڃايئي هوت ريءَ، جوين جوائي،
هاڙهيائي هائي، پرينءَ منجهہ پروڙ ڪي.

جواب:

آءٌ چئي چوندس ڪيترو، ڳالهہ مڙيائي هڪ،
جنهن ڪي سچي سڪ، سا پسندي پرينءَ کي.

---

(۱) صبوح (ب)

# بيت سسئي

## (باب وصال)

(١)

وٺي ڪونه ويو، آهي هوت تنهنجيءَ هنج ۾،
چاڪي ڏورين ڏونگرين، سائي هوت سنڌوءِ،
تو ۾ محب "مراد" چئي، نڪي(١) ڪين لڪوءِ،
وَسُ مٿان ٻرين ٻوءِ، آتي ٻاٺون ٻرين اوڏڙو.

(٢)

هينئڙي هوت ٿيوءِ، تون ڪيچ ڪُجاڙي ڪي وڃين،
توسان محب "مراد" چئي، سڄڻ آهه سنڌوءِ،
وندر ڪين ويوءِ، ڪٿي وَرُ نهارج وَٽِ ۾.

(٣)

وندر سي وڃن، جنين وَرَ وڇائيا،
منهنجا محب "مراد" چئي، سونهين وَٽ وَسَنِ،
جي ٻل ٻلِ ٻرين ٻسن، سي ڇو ڏورنِ ڏونگرين.

(٤)

سڏ ڪيون ڇو سڌورَ، ٻڌائين ٻين کي،
او کي اورج ساهَ سان، محبتن مذڪور،
ماندي ٿي م "مراد" چئي، ڏيهه نه آتي ڏور،
آهن(٢) هوت حضور، ٻر جي ٻيهي پاڻ نهارئين.

---

(١) لڪي (ب). (٢) آهي (خ).

# بيت ستٽي

## (تاڪيد طلب)

( ١ )

سرتيون سڀڪي ساهه، پڻ عينَ آداسي آنَ ري،
پَسڻ خاطر پِر جي، روز نهاريان راهه،
وٺي محب "مرادِ" چئي، ويا آرياڻي ارواح،
آئين شال الله، ته ڏسيو لاهيان ڏڪڙا.

( ٢ )

حجت حبيبن سان، ڪاڏيار يون ڪئن ڪن،
جن حق نه رکيو هوت جو، سي چوءِ دعوا دم هڻن،
ڪهڙو منهن "مراد" چئي، وٺي ڪيچ وڃن،
شل آوَ ڪِئڻَ ڪِنَ نه ڪن، پوي پاڇه پروچ کي.

( ٣ )

آئي منجهه ستٽي، پير پنهونءَ جو پَسُ،
تان ڪيي ڏوڙ ڏونگرين، جان ڪي لڳئي وَسُ،
موتِج ڪِيم "مراد" چئي، چڙهي گونگن (١) گسُ،
متنَ ڪو ڏيئي ڏَسُ، سڄونهون انهيءَ سات جو.

( ٤ )

وَڻ وَڻ هيٺ نه ويهه، مرنديءَ ڪين "مرادِ" چئي،
توڪل جا تنبو آڏي (٢) چڙهي چوڙ پيهه،
ڏونگر تنهنجو ڏيهه، لوچ ته لهين پِرَ کي.

---

(١) گنگين (ب). (٢) ڏي (ب).

# سومل راڻو

( ١ )

تون سوڍو آهين سو، ته تو جهڙا ٻيا جهان ۾،
ٻيا جي راڻا، راڄيا، تيرُ برابر تو نه،
تنهنجو مستُ "مراد" چئي، آهه ڪامل ڪريان ڪوڻ،
سرمُ تيان ڪون سون، جي اڄي پارس پاسو تون ڏئين.

( ٢ )

تون راڻو تون راڄيو، تون راوَن(١) جو راڄ،
ڪامل قرباني ڪريان، ڪٿي سودا سڀ متاڄ،
تنهنجو مستُ "مراد" چئي، آهه لهان ڪانڌ ڪيتاڄ(٢)،
عاقلَ اڳن آهه، ته سرتين سڱڪائون ڏيان.

( ٣ )

سرتين سڪائون، تولش مچيون سينڌرا،
آهه تان آنهن ڪي ڏيون، ويتر واڏايون،
عاقلَ آرڏايون، اچي منهنجون ميتُ "مراد" چئي.

( ٤ )

جڻن سو ساهه سرير ۾، تڻن سوڍو ساماڻو،
ڏٽ پَٽ وائي هڪڙي، سڀ راڻو ني راڻو،
هر جي سون جڻن چاڙو، ته پَسو محب "مراد" چئي.

---

(١) رائن (خ) (٢) ڪوام (ب).

# عمر مارئي

( ١ )

عمر ماڻهو ڪر، پسي دَور دَماڪ،
تو پليرا پون ۾، خان ڪئي ٿيا خاڪ،
ڪنده موت مٿي ٿي(١)، هاڃي سندي هاڪ،
پانئج ڪيم مذاق، ڪئي باندي موڪ "مراد" چئي.

( ٢ )

عمر ڪر ۾ ماڻهو، پسي ڪوٽ ڪچهريون،
هي سڪ ساڱي سومرا، ڪين هلنده ساڻ،
هت وايون وينده سومري، جت پاڪ پچنده پاڻ،
نه تا نيئي ميڙ آماڻ، مارو ڙن "مراد" چئي.

( ٣ )

عمر ماڻهو ۾ ڪر، پسي ڪوٽ ڪچهريون،
هونده ڪين هميشه، هيءَ دنيا دولت در(٢)،
متانهين "مراد" چئي، ڪئج نيڪ نظر،
"ڪل يوم بستر"، هي سڄ قول ڪنن سين.

( ٤ )

هن منهنجي حال جي، سڌ نه آهي سومري،
"ونحن آقرب اليه"، واحد ڪيم وصال،
پسي نئو ر نسوهرو، ٿيڙا نين نهال،
پلهي ڪيڙو پال، گڏيا محب "مراد" چئي.

---

(١) تو (ب). (٢) زر (غ).

## بيت نُوريءَ جا

( ١ )

ڪيني ڪوجهي، ڪُوڙي نُوري نماڻي،
هٿئون وٺي جنهن جي، ڪو پيئي نا پاڻي،
سا محلن منجهه "مراد" چئي، ٿي مرڪي مهاڻي،
جيلهان سمي سڀاڻي، تيلهان سونهي منجهه مرتئين.

( ٢ )

ڪيني ڪوجهي، ڪوڙي، نُوري نماڻي،
ٿي آئي چت مڇيءَ جي، جنهن مؤن ڪالهه ڪيکي هاڻي،
اڄ سمي چام سهاڳ سان، ڪئي راڻين جي راڻي،
سا مر مرڪي مهاڻي، جنهن سڀ معافيءَ ۾ "مراد" چئي.

( ٣ )

مر مرڪي محلاتن ۾، نُوري نُوراني،
جنهن جي جهوليءَ چنڊ جهلي پيو، سمو سلطاني،
تنهن معافيءَ ۾ "مراد" ڪيا، ٿيا سمي جا ثاني،
جي هٿا ڏيهه سدا ڏاني، تن جو ڏيهه اڄي ڏاني ٿيو.

( ٤ )

نُوريءَ، سان ليٽن، ڏيئي رمزون راهه ريجهائيو،
سمي جي سهاڳ سان، ٿي جهولي جهڙوڪن،
تنهن مٽڪي مهريءَ مصري، لاٿي ملاحن،
سڀ معافيءَ ۾ "مراد" ڪيا، ڪئي چام تماچي تن،
مي مر ڪوڏ ڪينجهر ۾ ڪن، جن وُن لٿا حرف حساب جا.

( ٥ )

هو جي هٿا م ڪٽ، سي راڻي ڪئي ڪٽ چاڙهيا،
ريءَ پٽ پهرن ڪينڪي، پيو پير ا ڏين هٽ،
پيئن مٽ "مراد" شراب جا، جن ڪالهه مٽي هٿا مٽ،
سي اڄ ويهي پاسي وٽ، وٺي وٽ سمي سلطان جي.

# ليلا چنيسر

(۱)

هيئن ليلان پانيو هو ته، ته ڪڪر ڪونرو مڻين ۾،
نه ته هار متئون هڏ، هيڪڙي وار ڏئي تنهن تو نه،
سا نمائي "مراد" چئي، چاڪون پسي چو نه،
جنهن جو ڪامل توريءَ ڪون، تنهن کي ڏستون چڏم، داسڙا!

(۲)

ويچاريءَ ويساهه، آيو ڪونروءَ جي ڪونڙن تي،
نه ته متي ڪئن متئي تي، محب پنهنجو ماهه،
سا نمائي "مراد" چئي، ڏئي کهڙي ڏاهه(۱)،
جنهن کي ڪنڌي ڪانه ڪا، والي توريءَ واهه،
تنهن کي لڳ الله، ڏستون چڏم، داسڙا!

(۳)

جو تو هاري پانيو هار، سو تان مٺيو مٺور مڪر جو،
هن ڪونرو ڏيتيون ڪيتريون، ليلان لک هزار،
موهي منصوبي سان، نرڙ وئي وئي نار،
انهيءَ مهل "مراد" چئي، ويلو آئي وار،
نه ته موتي چام(۲) چمار، دمت نه اپنڊءَ داسڙو.

---

(۱) ڏيهي وڏائي واهه (ب). (۲ چم (خ)؛ (م).

# بيتَ گھاتو جا

( ١ )

ڪوڏيا ڪٺنَ ڪلاچ جا، عاشق جي اڱڻ،
سي عشق ڪڇونءَ جي واٽ مان، موٽي ڪين وڃن،
جن کي موت مشاهدو، سي ڇو نه "مراد" مرن،
آءٌ قرباني مٿان تن، جن جيئري جيءُ نه واريو.

( ٢ )

عاشقَ ڪٺنَ ڪلاچ ۾، اچي جي پيا،
سي عشق ڪڇونءَ جي واٽ مؤن، موٽي ڪين ويا،
مشاهدا "مراد" چئي، تن مري منجهه ڪيا،
سي جانڪيئتا جيا، جن جيئري جيءُ نه واريو.

( ٣ )

عاشقَ ڪاهون ڪاه، ٿا اچن ڪٺنَ ڪلاچ تي،
ڪاٽُ ڪڇونءَ جي واٽ ۾، ٿو لاهي ڪنڌ ڪلاهه،
پيئي رت رڳن جي، مهٽيو ڪاٺي ماهه،
سي هٿن سانگو ڪن نه ساهه، جن کي موت "مراد" مشاهدو.

## بيت سامونڊي

(١)

جنين جي جهاز ڪي، ساڃا سڙهه سُڪان،
ڏس ڏهاڙي ڏيهه جا، معلم ڏي مهندان،
سي ڪُني آيا خير سان، سفر صاب پيان،
سڀ ساويرا ڍڪيا، بندر بار سندان،
سڀئي سَنگ مٿان، ٿيڙا معاف "مراد" چئي.

(٢)

جنين جي جهاز ڪي، سدا لڳي سُواءِ،
ڏس ڏهاڙي ڏيهه جا، ڏي معلم تن مهنداءِ،
سڀ ساويرا ڍڪيا، نيڳيا نا ڪوجاءِ،
تن جي مال مٿاءِ، ٿيا معافي سَنگ "مراد" چئي.

# بيت پرڀاتي

(١)

آءٌ ڏڏڙ، ڏڏان ٿي ڏڏڙ، ڏڏ نہ ڏڏن جيهڙو،
ٿي آيس سڌ، ڏاتا! تنهنجيءَ ڏات جو.

(٢)

ڏاتا! تنهنجيءَ ڏات جو، نڪي آرُ نہ پارُ،
جهڙءَ ڪونہ جهان ۾، ٻيو ڏاتارين ڏاتار،
دان مڱان ديدار، ڪر سائل سرفراز تون.

(٣)

سائل ٿي آئيو، سيئڙ سيرَ سندوءِ،
ڪڏهن ڪونہ ڀڳوءِ، تہ ڪو هتون موٽيو منگتو.

(٤)

سيئڙ تنهنجي سيرَ ۾، نہ ڪا آڇ نہ ٻڪ،
اچن جي آس ڪري، ڏور تنين تون ڏڪ،
لهن سدائي سڪ، هت مڱڻهار "مراد" چئي.

(٥)

نہ مون ڪڏهي ڪيئرو، ڪيرت چاٽان ڪا نہ،
تون آجهو اٻوجهن جو، مهر ٿيئي مانَ،
مون، تي ڪر "مراد" چئي، عنايت احسان،
جو تون سدا سلطانَ، تو نالائق نوازين.

(٦)

مون جيهو ڏڏ ڏيهہ ۾، تو جيهو ڏاتار،
چان چڪاسي ڇوڏار، تان ٻيو ڪونهي مٿور "مراد" چئي.

( ٧ )

آءٌ اوگڻ گهڻيان ڪيترا، جي بيحد ڪون بيان،
ڀر جانُ نالو تو رحمان، تان مون ڪونهي وهم "مراد" چئي.

( ٨ )

آءٌ گهڻي گهڻيندس ڪيترا، عيبن آنت نه ڪوءِ،
ڀر صمد نانءُ سندوءِ، تان مون ڪونهي وهم "مراد" چئي.

( ٩ )

اوگڻ عيب آپار، ليکن ليکو ناهه ڪو،
ڀر جانُ سندوءِ نانءُ ستار، تان مون ڪونهي وهم "مراد" چئي.

## بيت پورب جا

(١)

ڏانگا ڇڏ اِ ننگ، تو لائين رکَ ليکَن کي،
توکي ڇُوِسَ ڇُوِسَ جيِ، رامَ نہ لکڙه رنگ،
مايا ماڻ "مراد" چئي، کُوڙو کيو (١) ڪسنگ،
ڏوئي ڏُوڙ نِسنگ، ويٺي اَڄا نکري.

(٢)

جوڳي تو نہ جڳاءِ، جو تو ڪنَ ڇيرائين ڪاپڙي،
سامي سانت صبر جي، مَنَ ۾ مُندرا پاءِ،
سيڪ مڱي ڪر مڃڻا، ڦيٺو وير وڃاءِ،
ميلهي سيل، پريت پٽر، اندر الک جڳاءِ،
ليگين رک لقاءِ جي، لاهوتي تون لاءِ،
روح ۾ رام ريجهاءِ، ڇڏ پاهريان مکر "مراد" چئي.

(٣)

جيت ناڻکا نينهن لائين، نيت "ناٿن" ٻنان پيو ناٿهين کي،
ڪُوڙها ڳالهيون ڳُجهه جون، ڪاٿي ناڳائين،
جي سُرجهڻ ڪان پري ٿيون، سي واتون نا وائين،
سي روح ۾ رام ريجهائين، جن جي مالڪا ماڻ "مراد" چئي.

(٤)

گيان گنگا، دل دوارڪا، ڪايا ڪاسي جن،
سي پورب ۽ پهم جا، چاڪون ٻنڌ ٻجن،
ماري مَن "مراد" چئي، تا ري تن تيرٿ ڪن،
سي نت ناڻکا ناٿ پسن، جن کي گڏيو گُر گرنار ۾.

---

(١) ڪپڙو (ب).

( ٥ )

تڙڪ ڏنائون تن کي، ماد ڪيائون من،
سي بابو بديهي ٿيا، ويٺا منجهه وطن،
لامڪان "مراد" چئي، ڪيا آستڻ آڏو تن،
سي نيت نانگا نات ٿين، جي واحد وحدت ۾ ٿيا.

( ٦ )

جي رنگ رتا رام جي، تن ڪالهه ڇڏي ڪاسي،
ويئي تن کون وسري، چيتون چوراسي،
لنگهي ٿيا لاهوت کون، اوڏو ابناسي،
تن جوڳين جائون ٿيون، جي هٺا ٻيءَ جا ٻاسي،
لامڪان "مراد" چئي، ٿيا وحدت جا واسي،
سي منمک سناسي، وڃي نانگا گڏيا نات کي.

( ٧ )

سڪ نه ڏني سرتيون، ويراڳين ويراڳ،
لوچي لامڪان ۾، ملڪوتين ڪيو ماڳ،
جيئري مرڻ "مراد" چئي، لاهوتين جو لاڳ،
ڏيئي ڏيل ڏهاڳ، وڃي سامي سهاڳي ٿيا.

( ٨ )

مشڪن جو سرتيون، سامين چيڪيو ساڱ،
هردم هان هئو ۾، چيت جنين جي جاڳ،
منجهه ٿي منجهه، "مراد" چئي، ڪيو لاهوتين لاڳ،
تون ٻڌ تنين ڪاڳ، وڃي سيڪ ته سڪ پرائيين.

( ٩ )

سامي سي ڇنجن، جن کي سيڪ سرير ۾،
سي لاهوتي لال ٿيا، جي هئو ۾ هئو هان،

ماري مَنُ "مراد" چئي، تا نانگا ناٿ ڀَسن،
تون ڀڻ وڃُون تن، وڃي سيڪ ته سڱڪ ڀڃائيين.

( ۱۰ )

جن لاتا نيڻَ ننگ جا، تن کيهو ننگ نانگن،
لنگهي ڪيا لاهوت ڪون، آسڻ آڌوتن،
روح رتائون رام سان، ڀيون وڃائون ڀَن،
منجهه ئي منجهه "مراد" چئي، تا جوڳي جائون ڪن،
تون ڀڻ وڃُون تن، وڃي سيڪ ته سڱڪ ڀڃائيين.

( ۱۱ )

نانگي ڪي ناسوت، ڪٽي ڀير ڀسايو ڀرَ جو،
تنهن ڪاهوڙي ڪرو ڀيو، ڏس منجهون ملڪوت،
سچا تائين سهرين، جاءِ وڃي جبروت،
لنگهيو جن لاهوت، تان ٿيو هئو محو "مراد" چئي.

( ۱۲ )

گهر چورن جي گهتل، ته باهر سانگ ڪرين ساڌن جا،
مڪر جي "مراد" چئي، ڏوڙ مَ منهن ڪي مَل،
تسيو ڏيئي تنَ ڪي، جهيڙي جهتي جهَل،
پاڻ پنهنجو ڀَل، ته ڏسين سنگت جوڳو سچڻين.

## بيت متفرقه

(١)

چاڪي چيت "مراد" ڪري، گهاٽو مٿن گهماءِ،
ساري سڙت نيرت جا، ڏينهڪ ڏاند وهاءِ،
تنهه تاري ڪي تن مؤن، سيره صاف پيڙاءِ،
تهان پوءِ تون لاءِ، لگين تيل لقاءَ جو.

(٢)

ڪر ڪبوتر روح کي، دل پڃري پارينس،
سيره صاف سڙت جي، چڙوٽي چيت وارينس،
پاٽي پاڪ پريت جو، بلبل بيارينس،
هتو ۾ محو "مراد" ڪري، ٻي واٽي وسارينس،
سا ڪا بازي سيکارينس، جنهن سان وڃي وحدت ۾ پوي.

(٣)

نڪر "ٿانهن" ڪلهي ڪري، ورچا سڀ ورچاءِ،
رياضت جا روح ۾، فڪر ڪر فناءِ،
حال هلي حيرت سين، تون منهن مهندا پاءِ،
عدم منجهان "مراد" چئي، ڪنهن کي رسي نه ڪاءِ،
هت پيئي جي جڙي نه جاءِ، تو پاڻ سڃاڻي پاڻ کي.

(٤)

نڪر "ٿانهن" ڪلهي ڪري، ڇڏ تعين تات،
هليو وڃ حيرت ۾، جتي ڏينهن نه رات،
عدم منجهه "مراد" چئي، جهت ڪانهي جهات،
نفي تکو اثبات، تو پاڻ سڃاڻي پاڻ کي.

( ٥ )

تنهن کي سڪ ۾ سور، جنهن کي سڌ نه آهي سڄڻ جي،
جنهن کي گهاءُ نه آهي گهٽ ۾، پيچ تنهن کان ڏور،
جي وهم ۾ ويان جي وڃيا، رهيا تن حضور،
هيءُ آئين محبت سڄڻ، ''موتوا'' تي ''مراد'' چئي.

( ٦ )

هيئون لوڀي من! لڏي، وڃي ٻاڙي ويهه ٻرين جي،
ٻڪا پکن سامهون، اوڏا ويهه اڏي،
موني چيڪ چڙي، توکي شال چڙيندا ڪينڪي.

( ٧ )

هين تن ۾ من! ۾ ويهه، جو آهي چوڪس چله، چورن جي،
نگهينده نگهيءَ سان، آئين نگهه نگهن جو ڏيهه،
انهيءَ مهل ''مراد'' چئي، وڃي پکهي پر جي پيهه،
سنڌ ء مو سائيهه، جنهن ۾ وار ونگوئي نه ٿئي.

( ٨ )

رهزن نفس نفيءَ سان، توٺي ڪوڙين ڪارون ڪن،
تو ء گڻ ڏسي اوگڻ ڪري، ڏئي ڏهاڙيون ڏک تن،
تنهن کي مار ''مراد'' چئي، جيئرو چڏ ۾ چن،
سا پيله ڪٺي وجهه ٻن، جنهن مؤن جيءَ جوکو ٿئي.

( ٩ )

توکي معلوم سڀڪي، منهنجو حال حبيبَ،
چئي چونديس ڪيترا، اوگڻ آءٌ عجيبَ،
پنهنجو قرب ڪريج تون، مون سان ڪرم قريبَ،
جو تو ريءَ تن طبيبَ، ٻيو ڪونهي مور ''مراد'' چئي.

( ١٠ )

اڏيون مون گهر عيد ٿي، آيم اڄ عجيبَ،
ٿي سترهائي ساهه کي، لڌي ڪَرَ قريبَ،
پسي حال حبيبَ، ڪيو مون تي مهت ”مراد“ ڇٽي.

( ١١ )

اوڏي ٿيان نه آرتِ، ڪاڻ ڪوريءَ جي نه ڪيان،
هڪ پچن پچارن کي، ٻيو هر هر وڃن هٽِ،
سڏينديون ”مراد“ ڇٽي، ڪٿوٽِ جنهين جي گهٽِ،
وَرَ منهنجي وٽِ، ڪمي ناهه ڪپڙَ جي.

( ١١ )

پهرين ماهه جي پيٽ ۾، جڏهن هئڙين نطفو نير،
پاري تنهن پيدا ڪيئين، وجهيَ ساهه سرير،
توهون مهند ”مراد“ ڪيو. تنهن رَت رڳن مون ڪير،
جو اهڙي سک سڌير، سو ڪيئن ڇڏيندءِ قوت ري!

( ١٢ )

جانِ ڪر منهنجي جيءَ کي، لڳي عشق لپاتَ،
تان ڪر هنڌ حرام ٿي، نيڻين ننڊ نپاتَ،
صبر سڪ وڃائيو، ويئي پسان واتَ،
اکين اڄ آساتَ، اچي وَني ڏيج وصال جيي.

( ١٣ )

ويچارا وِرسيا، ويهي ڏيئي وٽ،
مهندان مُرليڌر جي، پاڻ هڻن ٿا پٽ،
موني مهاڏيوَ ڏي، ڪن سوالي سٽ،
سو گهڙي نه پسن گهٽ، جنهن ۾ محب ”مراد“ جوي.

( ١٤ )

جتي سوئي چاڻ، جنهن جي جويون ڏين شاهدي،
تنهن ست پَرِيي سورهيه جي، ويهي ڪن واڪاڻ،
سائين جنهين ساڻ، تنهن کي مهت ”مراد“ جوي.

( ١٦ )

جنهن آٽ، ناڪيري نڪ ۾، ۽ جت هٿ مهار،
آئي، ويهي ۽ هلي، سر تي ڪٺي بار،
جو جيڏهن تائي تنهن ڪي، تڏهن ترت تيار،
تنهن وس وڃي پيو يار، منهنجو من "مراد" چوي.

( ١٧ )

جيلهائي هٿ ڪري هاري، تيلهان ڪُني ٿي ڪاري،
چر چرائيو چنڊڙو، سڀ عمر ساري،
ڏهاڙي ڏوڀين جي ٿيي، مار جهلين ماوي،
مري ٿيي "مراد" چئي، سڪي قراري،
ڇو ڏاگهه چڙهين ڏاري، پيچ ته چڙهين پاهه ڪان.

( ١٨ )

طوطا توکي کهڙو، اندر قيد قرار،
آهه آڏام "مراد" چئي، هت مارينده منجهار،
هيڪر هندستان جا، جي پسين باغ بهار،
ته موٽي سڀ چمار، پير نه ڏئين پڃري.

( ١٩ )

سو(١) ساهه سنڀايو سڄڻا! ڪو جو واڻون واهه،
ياري(٢) يارن ڪان وئيي، ميٺي ميٺ نه ڪاهه،
پُٺ نه وٺي هيءُ ڪي، پيو پائڻ چڏيو پاهه،
سڌو جهي سڪنهين جو، جان لڌوسين ترياهه،
ته هڪ ڏٺي! تو ڏاراهه، پي ڪانهي ماڙ "مراد" چئي.

( ٢٠ )

منهنجا ميڻا چيت وٺا، دل جا دغا باز،
جن کي عادت عداوت جي، پي هڏ نه چاڙهه هاج،

---

(١) پسو (ب). (٢) سو ياري (ب).

پرپٺ گوز گلا جا، منھن تي ڪن ميناج،
جن جا اهڙا ڪوڙا ڪاج، تن کي ميور نہ پس "مراد" چئي.

( ۲۱ )

پتن حلوا هالار جا، ور پسکن جي پت،
جي سچڻ هون سنگت، تہ ڏکيا ڏينهن نہ ساريان.

( ۲۲ )

ور ٿسيي پدمات جيي، پن حلوا هالار،
جي هون هيڪاندا يار، تہ ڏکيا ڏينهن نہ ساريان.

( ۲۳ )

ويا هنجھہ هليي، آيا ڪانءَ ڪنبن تي،
مورن جيي، "مراد" چئي، مٽن جاء جهلي،
چيبن سان چليي تي، ميينا مقالون ڪري!

( ۲۴ )

باري پروردگار ڪيا، وڻ ڪامل ڪڪاڙين جا،
ٿاريون ٿالپرن جون، تيڙيون باغ بهار،
سي مٽرڪن شال "مراد" چئي، سنڌ صوبي سردار،
جن کي ڏنو ڏيھہ ڏاتار، مر ڪائن خان خوشيءَ سان.

( ۲۵ )

ٿاريون ٿالپرن جون، پرور پوکايون،
دائم تنين دعا-جو، آمين پاڻي ٿا پايون،
سي سدائي سايون، جن جي مدد محمد "مراد" چئي.

---

# سي حرفي

۱

الف ـ الله العالمين، ساراهيان سُبحان،
جنهن قادر "ڪُنْ فَيَڪُونْ" سان جوڙيو سڀ جهان،
خلافت خلق جي، ڪيائين آدم تي احسان،
تنهن ۾ وڌو روح رحمان، "مِنْ رُوحِي"، مراد چئي.

ب ـ بدعات ڇڏ تون، خودي خام خيال،
سڄو ٿي صاحب سان، آئي وقت وصال،
وَنڊ وَهي وحدت ۾، جتي جوت جمال،
"دَعْ نَفْسَڪَ وَ تَعالْ"، تہ ٿيسين محب "مراد" چئي.

ت ـ توبہ ڪر تن ڪون، ڏينس ترڪ تمام،
پردو ڪٽ پرين ڪون، ننگ ناموس ۽ نام،
"مَنْ عَرَفَ نَفْسَہ"، پيو ڪڇج ڪين ڪلام،
جو آهي اسلام، محمدي "مراد" چئي.

ث ـ ثابت ڪر سچ کي، ڪوڙ نہ ايندو ڪم،
ڪايا، مايا، مال ڌن، دام نہ هوندو دم،
تير نہ نيندين تنهن مون، جو جوڙي ڪيڙو جم،
پوءِ غافل ڪاٿيندين غم، نہ تہ ساڃهہ سمجهہ "مراد" چئي.

ج ـ جدائي ڇڏ تون، وٺ پرين جو پير،
هٿ نہ ايندو ايهڙي، پوءِ ورونهن وير،
صبح سين م سمهہ تون، ٿي هيڪاندو هير،
سٺي وڃ سوير، تو منجهہ حضور "مراد" چئي.

ح ـ حياتيءَ ڏينهڙا تون پرينءَ گڏ گذار،
ماري من "مراد" چئي، وحدت ڏي ورڪ وار،
دلبر آئي دل ۾، دائم ڪر ديدار،
ڪٿي لهن نهار، آهن سڀ جاءِ سهڻي.

ڃ- خمر مون عشق جي، جنهن چکي چس،
ويا ميهڻي وسري، روح تنهن جي رس،
مڙئا "مراد" چئي، محمودي مجلس،
عام لنگهيائون لس، محو ٿيا محبوب سان.

د- دلاسو دل کي، ڏنو ڀاڻ ڀرين،
وائي ساڻ وصال جي، جي جيارڻو جن،
"نحنُ اقربُ اليه" آهه قربائي تن،
ٻيو سڀ ڏيئي ٻن، آهه تان ڪريون "مراد" مشاهدو.

ذ- ذڪر ڪر ذات جو، ٻيا وهم سڀ وسار،
راتو ڏينهان روح ۾، پرتئون ڪج پچار،
"فاذڪروني اذڪرڪم"، سچڻ لهندو سار،
جي اهڙا سڻ ستار، تن کي ميور م ڇڏ "مراد" چئي.

ر- رياضت رب جي، آهي فرض فنا،
آئي موت مشاهدو، عاشق ٿئين ته آ،
"موتوا قبل انتموتوا"، آئج امر بجا،
ٿيءَ هردم ذوق بقا، ويٺو ماڻ "مراد" چئي.

ز- زڪوات ڪڍيج تون، ڪري نفس نفي،
آئي وقت وصال جو، اچي عاشق ٿي،
سڀ ڳڻ لائق سپرين، ڪندو تو ۾ تڪمي،
ٿيءَ جانڪيي تون جيي، ڪونهي موت "مراد" چئي.

س- سيني ۾ تنهنجي، دل بيت المعمور،
"ڪل شيءٍ محيط"، آهي نسورو نُور،
ويٺو پڙهه پريت سان، هردم حج حضور،
تون ڏور "مراد" م ڏور، آئي ساهڻون اوڏا سپرين.

ش- شراب وٺيج تون، صاف هٿئون ساقي،
پي طهورا تڪ ڏئي، مون من مشتاقي،
ٿئين عمر "مراد" چئي، بخشيندءِ باقي،
مرشد ملاقي، ڪندءِ پهرئين جام پرڻ سين.

لا- لقاءُ ٻرين جو، ٻاهر ۾ ٻيو ٻَسُ،
جاڏي ڪاڏي سڙين، خالي ڪونهي ڪَسُ،
"عَرَفتُ رَبّي بِرَبّي"، راهه تنهين کي رَسُ،
تون پاڻ "مراد" ۾ پَسُ، جو آهي نُور نسورو.

ع- "اَلَستُ بِرَبِّڪُم"، جڏهن سڄڻ روح ڪيو،
سڃاتائين سپرين، وحدت منجهه ويو،
ٻيا محب "مراد" چئي، ٻَسي ڪين ٻيو،
وڃي تيتِ ٻيو، جت نُور نهايت ناهه ڪا.

ي- يقين ڪريج تون، ٻيو ناهه ذرو ريءَ ذات،
اِجُ "مراد" مشاهدو، ڏاتر ڏني ڏات،
آئي ڏينهن الست جو، ويهي وڃاءِ ۾ رات،
ڪلمو جنين وات، هوندا سي ايمان سين.

## عشقيه

فقير صاحب "عشقيه" جي اندر درد، فڪر، ڦٿڪو، نفي ۽ اثبات جو ذڪر نهايت سادي نموني ۾ ڪيو آهي، پر ان جي اندر معنيٰ وڏي آهي. طالب انهن منزلن تان گذرڻ کان پوءِ ئي وحدت جي ملڪ ۾ واسو ڪري ٿو. هن ننڍڙي رسالي کي "مراد" سائينءَ پنهنجن طالبن جي رهبريءَ لاءِ لکيو هو.

— بيراڳي

## عشقيه

ذڪر ذاتي سان رهن جي، مٿوران ڪين مُنجهن،
آئي پهر اندر ۾، تا نيڻهن نظارو ڪن،
"فاذ ڪروني آذڪرڪم" آهي ريت چڱن،
دلبر جن جي من ۾، سي ٻاهر ڪين ڏسن،
ري مشاهدي محبوب جي، هردم موت مڱن،
جي ويا واديءَ وحدت جي، سي موٽي ڪين ليڻ،
وحدت جي واديءَ جي، ڏکي وات ڏسين،
سانگو چڙي سِر جو، پهڻن سِر ڪفن،
ڏسي تاڪ تڪر ڪي، ڪڏهين ڪين ڪنبن،
سوريءَ ڏينڌي سِر ڪي، سالڪ تا وهسن.

### ٻهرين منزل

### (درد)

پهرين منزل تن جي، ڪهائي دردَ چون،
ٻانڪا بيپرواهه تي، وڏي هيچ هلن،
جت حاجت ناهه هلڻ جي، سِر پيرَ آت رڙهن،
تنگ تاريڪي جاءِ جي، ڏسي ڪين پئان،
ٻولي ٻولين ڪينڪي، ٿوڙي سٿور سهن،
اندر اورن ٻاڻ سان، ٻاهر ڪين سلن،
سختيون ڏونگر جون ڏسي، طالب تا ترسن،
اکيون پريل آٿ سان، ٻر ڪوڙها ڪين چنبن،
همت سان "مراد" چوي، سي چاڙها سخت چڙهن،
سوجون محبت جنون سي، ماٺيو تا ٻاڻن.

## منزل ٻي

### (ذڪر)

لنگهي منزل درد جيي جڏهن طالب تيز ٿيا،
سامهون پنهنجي فکر جا، تن رستا سؤ ڏٺا،
هلندي پنهنجي راهه تي، پلا ڪين پليا،
سي صاحب سرت سمجهه جا، پنهنجي وات ويا،
جهاتي آنهيءَ جهنگ کي، وحدت تي وڌيا،
ونگيون وائون عقل جون، اوڏانهن ڪين وريا،
"يمشي في الطريق التصوف"، انهن وهه ڪيا،
پردا سمجهه صلاح جا، تن ڊاهي سڀ ڇڏيا،
دوئيءَ جي درياهه کان، پتو پار ٿيا،
کينو ڪين اندر مان، تن ڪوري سڀ ڪڍيا،
ڪڍي ڪام ڪروڌ کي، وڃن خوش ڪيا،
اولڊه جي آجهرائين کان، ستي نينهن نيا،
اوجهڙ کان آجا ٿي، سرڪن مرد ميا،
"طالب الدنيا مخنث"، سي چالن حال هڪيا،
"طالب العقبىٰ مؤنث"، پرتي پنڌ پيا،
"طالب المولا مذکر"، ڪئن کان ڪٽيا،
فائق آنهيءَ فکر سان، روحي رمز رسيا؛
محبتي "مراد" جي، سدا قلب ڪڙهن،
موجون محبت جون، سي ماٺيو ٿا ماڻن.

## منزل ٽين

### (فڪر)

ڇڏي منزل ذکر جي، نورهن ڪئي نظر،
ڏٺو ڏاهن فڪر جو، سامهون پاڪ پڌر،
ڪنيو سامين سر تي، ڪيڏو سڄ سفر،
واڊوڙيا وائن تي، ڪن ڳينور ٿا ڳڌر،

ٻُڌڪَ ٻلائون پاڻ سان، ليتَ سورن جو سمر،
راتيون ڪاٽين رچ ۾، ٻڌي پيٽ پٿر،
ڏکي انهيءَ حال ۾، ڪيا سي خوشتر،
نامرادي نجهرو، جن جو آنشي پهر اکر،
هاري آب اکين ڪان، کن اندر کي اوجر،
راتيان ڏينهان سِرَ تي، محبت جو منگر،
ظاهر نماڻا خلق ۾، پر باطن ۾ ٻحر،
ڪڙو لاهي قلب جو، تن آجو ڪيو اندرَ،
ڏِسي ڪين ڏکن سي، آوارو اٿر،
ڪدي چڏيو ٻت مان، ڏاهن سپ ڏمر،
راضي رياضت ۾ رهن، چاڙن ڪين هنر*،
وڙهي آماري نفس سان، ڪٽن تا خيبر،
تن کي اوڏو ڪينکي، آهي خوف خطر:
سي فائق فقر کان لنگهي، تا اکتي پند پون،
سوجون محبت جون سي، ساٽيو تا ماڻن.

## منزل چوٿين

(نفي)

منزل ماڪ نفيءَ تي، وجي ڪمي لاهوتين،
هٿي نعرو ”لا“ جو، سي هاڙون پاڻ وڃن،
نالو انهيءَ ملڪ جو، تا نيهي ”نانهن“ چون،
ڏاها انهيءَ ڏيهه جو، ڏاڍو ڏس ڏين،
جي ويا انهيءَ ڏيهه ڏي، سي موٽي ڪين ورن،
چڏي جار جسي جو، روحي رمز رسن،
”لاَ الہ“ جي لار سان، روز رهاٽيون ڪن،
وجي پيا ڪٽن ڪين جي ڪٽا ڪين ڪچن،

* هنر کان هت مطلب فريب ۽ ٺڳي آهي. (مرتب)

داتهم اُنَ دريا ۾، راتو ڏينهن رَتن،
تارون ٿي اُنَ تار جا، رهيا موج مَگن،
"لا خوفٌ عليهم" کي پڙهي، اُٿا پتو پئن،
آجها ڪبي عميق کي، جها کي چوٽ چڙهن،
اُن ولايت واسا، جت نڪو سڌ سڻن،
مِلڪ لاهو آ مات جو، جنهن کي سڪو تيا سمجهن،
هوڏون هستيءَ جون پچي، پنهنجو پاڻ پسن؛
پُولي، پرم ۾ پيد جو، بت پڪو آڏ وتين،
ڪيني، ڪام، ڪروڌ جي، رتي ناهه وٽن،
جن نفي کيو پاڻ کي، پِلا پاڪ سِڌن؛
محبتي "مراد" چوي، سي سري تا جين،
سوجون محبت جون سي، ساٿيو تا ساٿن.

## منزل پنجين

### (اثبات)

چڏي ملڪ نفيءَ جو، ويا طالب اثباتي،
هرجا ديرو دوست جو، تن جهاتي جانُ پاتي،
ساري آمّاري نفس کي، تيا پالا پراتي،
"اِلاّالله" جي اور سان، ڪيائون حاصل حياتي،
هرجا سوج محبت واري، لات لطيفي لاتي،
چوڏر ايڪا ايڪ نظر ۾، وئي دوئي درجاتي،
منزل حق حقيقت واري، ڪوڙي صفت صفاتي،
ذات ملي وڃي ذات جي اندر، هرجا هوڪو ذاتي،
ظاهر حقيقت وارو، ڪنهن حقيقت جاتي،
مات جي اندر منزل تن جي، قرب جي ڪنڌ تي ڪاتي،
سڌ پڙاڏو وسريو تن کان، چيهه لڳو تن چاتي،
چولي اندر تن جي لاتي، هردم هريئم چتواتي،

ساهه جي اندر ساليو، سالڪين سونهون ساتي،
عروج نزول کان اڳتي آهي، عجب عشاق اوقاتي،
ڪشف ڪرامت ڇاڻ ڪاتي، مرد آهي مصلحاتي،
ٻنون ۾ سي موجون ماڻن، چارئي پهر چڙهاتي؛
ليکيي الک اندر ۾، سدا ٿا وهسن،
موجون محبت جون سي، ماڻيو ٿا ماڻن.

## منزل ڇهين

### (وحدت)

مُلڪ نفي اثبات کان اڳتي، وادي وحدت آئيي،
جت "همه" جو هوڪو هردم، ٻي نه ڳُلجي وائي،
مذهب ملت اوري آن کان، منزل جنهن هيءَ پائيي،
شاهد ۽ مشهود آتي هڪ، ٻي نه ڪثرت ڪائيي،
صاحبَ واري رمزا ها سڀ، "روحل" مون سمجهائيي؛
موج "مراد" هي حاصل جن کي، مانجهي هو مرڪن،
موجون محبت جون سي، ماڻيو ٿا ماڻن.

(ه، ۱۰)

# سرائکي کلام

# بيت

(١)

رندان روز الست کنون کر چايا نينھن نھنگان،
جوت جمال حسن دے وچ ہوندے آھن پتنگان،
سي موت کنون کيون مرڻ، جنھان دے خاطر نال ختنگان،
ہر جي منگين "مراد" مشاهدا، تان وجي ميلين مست ملنگان.

(٢)

ميخاني شھ مستاني باجھون، سڏڻيا سھل نہ آوے،
خراباتيان دي مجلس دے وچ، صوفي کيون سماوے،
جو سر رک تلي تے آوے، تنھن کون جام جڳاوے،
ہر گوھ ميدان اتاھين، جو کنڌ سو کاوے.

(٣)

سر ڏيوڻ تان کھڙا سانگا، صرفي سوپ نہ ٿيوے،
وچ ميدان محبت دے، نت "مٺو توا" موت مريوے،
سر سرواھ سڄڻ تون صدقے، تن من گھول گھتيوے،
يار "مراد" مائيسي سو، جو جيندياں مرکر جيوے.

(٤)

جي لک کروڙ کرين قرباني، تان مويا مٺول نہ جيوے،
ہر رندي جام مغان دے ھٿون، ھکواري گھن پيوے(١)،
تہ عزرائيل نہ آويس نيڙے، نت جڳيان جڳ جيوے،
"مراد" مغان دي مجلس دے وچ، کنين موت نہ سٽيوے.

---

(١) ہر جي رندان والا جام مغان دے ھٿون، ھکواري گھن پيوے (خ).
(٢) تہ عزرائيل نہ اس نيڙے آوے نت جڳان جڳ جيوے. (خ).

( ٥ )

ٿيا ايمان سلامت تان، جان زلف زنار ڀڳو سي،
لٿي قفل ڪفر دي ڀي، ڪنجي عشق ڪيتو سي،
دستون ساقي ٿيا عنايت، شوق شراب پيتو سي،
”مراد“ مغان دي مجلس دي وچ، نوشه ڳول لڌو سي.

( ٦ )

پير مغان ميخاني دي وچ، رندي جام پلايا،
دستون ساقي ٿيا عنايت، رات ڳئي ڏن پايا،
آب حيات ڪنون ده چندان، آها سرس سوايا،
”مراد“ مغان دي مجلس دي وچ، نوشه الله ملايا.

( ٧ )

چوڙ مسيت ڳيئس ميخاني، توڙ زنار ڪفر دي،
رندي جام مغان پير ڏتا، ساقي حوض ڪوثر دي،
چٽي جند جواب سوالون، لٿي هول حشر دي،
ٿيا شفيع ”مراد“ محمد، ولي ورق هجر دي.

( ٨ )

جنهن ڏينهن نُور محمد ڪون، مين صدقون سجدا ڪيتا،
تنهن ڏينهن غير سڀو چا ساڙيم، ڏي ڪر برهه هليتا،
نُور خمارون ٿيا اکئين، جنهان مست پيالا پيتا،
مين ”مراد“ تنهن ڏينهن چا، دست دامن وچ سيتا.

( ٩ )

عشق شراب ڏتوسي ساقي، پي ڪر مست ٿيوسي،
دل ڪعبي وچ بت ڪفر دي، ”لا“ دي نال لڙيوسي،
برڪت دين محمد دي توجِ وحدت وچ پيوسي،
مالڪ رضوان دي محتاجي، ڪنون ”مراد“ ڇٽوسي.

( ۱۰ )

جنهن ڏينهن پير مغان دي هٿون، شوق شراب پيتوسي،
تنهن ڏينهن يار يقين ٿيا، سڀ دل دا شڪ لٿوسي،
چوڏهن طبق ٿيوسي روشن، اڪبر حج ڪيتوسي،
پر ٿيا ديدار "مراد" جڏهانڪر هي سر عرض رکيوسي.

( ۱۱ )

پُر ڪر قدح ڪلال ڏتوسي، روشن جام الستي،
پيوڻ نال وصال ٿيوس، چڙهي پئي دل دي خستي،
رهون هوشيار هميشه، توڙي مست ڦرون وچ مستي،
ڏي سر يار "مراد" ڳڌوسي، سودا دست بدستي.

( ۱۲ )

جي تو طلب ملڻ دي سڄڻا، تان سر کون نال نہ چائين،
اول عقلون ڪرين جدائي، پير پيچي تون پائين،
چوڙي خام خيال خودي دي، "مَن" ڪون مار مڻائين،
جو جينديان سندي جاءِ نهين، پين مويان "مراد" اٿائين.

( ۱۳ )

ڪيتي عين عنايت ساقي، ڏتس جام ڀرائا،
پيوڻ نال شراب طهورا، دل تون غم سڌائا،
لٿي هول حساب حشر دي، يار مليا من ڀائا،
سيج وچائي "مراد" سُتا سک، ڏي سر هيت وهائا.

( ۱۴ )

تن مڪا، من مدينا، دل ڪعبا ڪر چائيي،
رب رسول ڏونهين وچ پئي، نال يقين سچائي،
"من عرف" نبي فرمايا، بيشڪ شڪ نہ آئي،
جو حج حضور "مراد" اٿاهين، پي سڀ ڪوڙ ڪهائي.

(۱۵)

مسلمان مسجد ويندے، هندو پوڄيندے پٿر پاڻي،
آوه متڪيا، آوه متّرا ويندے، آيو ين عمر وهائي،
اے دل عظيم عرش الله دا، جنهن وچ جوت سمائي،
تن من نال ڪرين تيت سجدا، بيشڪ شرڪ نہ آئي،
جو حج حضور "مراد" اِتاهين، ٻي سڀ ڪوڙ ڪهاڻي.

(۱٦)

ڪيا مقصود سميت وچڻ دا، جے تون نفس نہ مارين،
من دي ميل نہ ڌووين من تون، ول ول وضو سنوارين،
منهن ڪعبے ڏے، سرت سيلاني، پهچ نماز گذارين،
لوڪ رياڻي ڪرے ڪمائي، عمر آجائي هارين،
ہر سيي فرض "مراد" ٿيون، جے دليون دوست نہ وسارين.

(۱۷)

جے مقصود ملڻ دا هووے، ڪر ڳهڻ ساجهر سعيا،
وچ ميدان محبت دے، نت رکين قدم سوايا،
اے سودا سر ڏيونڻ پاجهون، محض نہ ملے پايا،
ہر جيندے مرڻ "مراد" سنجايا، پيچے مرڻ آجايا.

(۱۸)

عاشق نام سڏاونڻ سوکا، ہر عشق اٿالگا لاونڻ،
لاڦان لڪ مرينديے، ہر هے مشڪل توڙ نياونڻ،
ڪم ڪنهان ورياماں ڏا، سر رک تَلي تے آونڻ،
پلپل يار پيارے هتون، ول ول آپ ڪهاونڻ،
ڪنڃي مرغي وانگون در تے، رات ڏينهان تڙقاونڻ،
هردم پاه، برہ دي وچ، مکڻ شيخ پچاونڻ،
دل اندر ديدار تنهان کون، ٻاهر پير نہ پاونڻ،
ڪاملِ عشق "مراد" تنهان دا، پيا سڀ ڪوڙ ڪماونڻ.

(١٩)

نيھي ليھي سڀکو آکي، پر سيھل نہ نيھي ٿيوڻ،
ڀلي نينھن نشاٽي ايھا، جيئنديان مر کر جيوڻ،
دستون ساقي آب حياتي، پلپل دے وچ پيوڻ،
تڏان "مراد" مناسب تنھن کون، نيھي نام سڏيوڻ.

(٢٠)

جے نيھي وچ نينھن سجن دے، ھين رنگ رباني رتے،
رندي جام مغان دے ھٿون، ھي متوالے متے،
بي پرواہ ھٿي تے شاڪر، ڪامل عشق ڪمتے،
زلف زنجير "مراد" تنھان کون، ھچ ھيچان وچ گھتے.

(٢١)

نيھي دے دل اندر دونھان، ڪتر کون دونھان دکاوے،
نيھي رنگ رباني رتا، انگ پيوت نہ لاوے،
نيھي نيت رضا وچ راضي، سھج ھٿي سر چاوے(١)،
نيھي ھميشہ "مراد" سجن کون، ويک سڀو سک پاوے.

(٢٢)

اول فرض نماز جنازے، عاشق آدا ڪريندے،
ڏيندے ترڪ تعلق سڀکون، سر تڪبير سريندے،
چشمے عشق حقيقي دے وچ، سر ڏے وضو سريندے،
سے مشتاق "مراد" ايجے وت، ڪيھي فرض پريندے.

(٢٣)

عاشق چشمے عشق وچون، سر ڏے وضو سنوارن،
ترڪ ڪرن تد بيران سڀئي، سر تڪبيران مارن،
دل بيت‌الله دے وچ ھردم، نال نماز گذارن،
عشق امام "مراد" جنھان دا، سے ڪيوين وقت وسارن.

---

(١) سھج لہ پي سر چاوے (خ).

( ۲۴ )

مشڪ مهتاب سجن دا قبلا، زلف غلاف سنوارے،
هين ابرو محراب عجائب، چشمان نور نظارے،
عشق امام، "مراد" جماعتي، نت نماز گذارے،
ميرے فرض قبول ٿياسي، ڏٺے يار پيارے.

( ۲۵ )

سهج مسيت، صبوري، منبر، سيل، سنتوڪ منارے،
مشڪ محراب، تے سنوات مصلا، سڪن وضو سنوارے،
مير منکر منبر تے چڙهه ڪري "انخلا" بانگ هڪارے،
عشق امام، "مراد" جماعتي، نت نماز گذارے،
سجدے سهو نه هوسے ڪڏهان، لڪو وقت وسارے،
ميرے فرض قبول ٿياسي، ڏٺے يار پيارے.

( ۲۶ )

زاهد زور رکے ظاهر تے، باطن ڪنون بيگانا،
پارسائين دے پردے جنهن ڪون، سمجهي نا نادانا،
ڏينهن دل اندا مقبول نه ڏيکي، دوست وسے هرخانا،
پير مغان دے مجلس پاجهون، هار ڪيا حيوانا،
"موتوا" مور ڪ مقبول نه ٿيوسے، ڪتان ڏونهين جهانا،
يار "مراد" ميليا ميخانے، شڪرانا صد شڪرانا.

( ۲۷ )

واعظ ڪري بيان نصيحت، ظاهر وچ زمانے،
محشر دے مذڪور ڪنون، ڪوئي هول پيا حيوانے،
"مُتعطوا" فرقان نه سمجهي، غرق ٿيا غمخانے،
يار "مراد" مليا ميخانے، شڪرانے تے شڪرانے.

( ٣٨ )

سِرُ ڏِٺي سِرُ حاصل هوئي، دل ڏِٺي دل جاني،
روح ڏِٺي دل روح ٿيوي، "سبحاني اعظم شاني"،
قطرا وچ پيا وچ قلزم دي، هويا بحر حقاني،
تيا محيط "مراد" وهم وچ، رهندا لامکاني.

( ٣٩ )

تين سوداگر، دلبر سودا، عشق دلال ڪيتوسي،
سِرُ سَرواه، سيو وچ سودي دي، تن من نال ڏِتوسي،
مليا دوست، ميٽي دلگيري، سودا صاب ٿيوسي،
ربُ سبب "مراد" ڪيتا، جو ڪَٽَڪ ڏِٺي اِڪ پِڪِڙوسي.

( ٤٠ )

دل درياهه، محبت ٻيڙا، کوها توڪل ڪيتا،
ٻُدّ سُکان صبر دا محڪم، سڙهه همّت دا سيتا،
معلم وچ وطن دي سونهان، ڪامل مرشد ڪيتا،
مال "مراد" يقين تنهين وچ، صحيح سلامت نيتا.

( ٤١ )

چوراسي لَک پڃري دي وچ، هيڪو ٻولڻ هارا،
تنهن نرمل نُوري طوطي دا، نيڪو انت نه پارا،
پانتو پانت ٻوليندا ٻولي، روپ ورن سڀ نيارا،
کاوي پيوي موجان ماڻي، ڪون "مراد" ويچارا.

( ٤٢ )

آپ ڪنون لڪ پيٺا آپي، ڪنهن نا آپ لڪائي،
آپي پيٺا ويکي سڀڪجهه، اندر آپ آلائي،
دل دي تخت اُتي چڙهه نوشهه، هردم حڪم هلائي،
هي اول آخر، ظاهر باطن، ٻي دي جاءِ نه ڪائي،
ڪيا وچ "مراد" ويچاري دا، جو ناحاق ناءُ ڳڻائي.

( ۴۳ )

تن من دے وچ تونهين تون، تن من تو بين ناهے،
دل دے اندر ڏيرا تيڏا، هکئين تحقيق آگاهين،
آپے کاوے آپے پيوے، سڀ رمز سنجهه صباحين،
منهن بوليندا، ڪنين سڻيندا، نيڻين نال نگاهين،
"مراد" کنون هڻ ڪيون ڪر لڪسين، جو لڌڙا جاءِ بجائين.

( ۴۴ )

تن بي تئين تون، من بي تئين تون، سر بي کهول کهمائين،
هک پل پاسي متول نہ ٿيوين، نيت اکئين نال وکائين،
سيج سڻيان ڳل پانهن سيراندي، ماڻي سک سدائين،
دلبر دل ديان لاهين سڪان، سڀ "مراد" بجائين.

( ۴۵ )

دل دلبر بين رهندي ناهے، آپے عشق لتيوئي، درد جيوئي،
وچ بند دام زلف دےوچ، قابو قيد پيوئي، سک کيوئي،
نت سر بندے نازنينان دے، ڪيتا پيش آيوئي، جوڻ ٿيوئي،
پر غبغب دے وچ مار غوطا، جي يار "مراد" مليوئي، بخت وليوئي.

( ۴۶ )

درد سهٽي دلبر دا مين تان سؤ سک سٽ ڪر جايا،
ميت ڪٽي خام خيال خودي دے، جان ذلّ الدر آيا،
شالا هووے هميشہ نوان نيت روز بروز سوايا،
برڪت نال "مراد" جنهين دے، نوشہ الله ملايا.

( ۴۷ )

درد نهين کو دارون دل ڏا، جو پيوے سو جيوے،
جے روز چکن رمز خماري، سرون هميشہ کيوے،
ميت وڃن سب مستي پر، ڏے مستي حق لپيوے،
يار "مراد" وسے وچ ويڙهے، جو کو عاشق ٿيوے.

( ۴۸ )

درد دوائي محبوب جنهن کون، عشق طبيب کيوائي،
رتي روڪ نہ رهي اندر وچ، غير گمان وڃائي،
"مٿين" دا پڙدا ڦاڙ ڪرا هٿان، اکين "عين" وڪائي،
يار "مراد" وسي وچ ويڙهي، جو کو جهاتي پائي.

( ۴۹ )

"مٿين" ڪون سمجهہ تہ "مٿين" ڪون پائين، جو "مٿين"
وچ "مٿين"
"مٿين" دي وچ ملتين تون مٿين ڪون، دونئي نہ سڃيان جائين،
"تون" وچ "مٿن" تي "مٿن" وچ "تون"، جا دل دا غير وڃائين،
"الانسان"، "مراد" سڃائين، "مٿن" وچ "مٿن" ميلائين.

( ۵۰ )

سڀڪو لوچي ساڏي ڪون، تيي اسان چوري چائي،
رستي ڇوڙيا پيا سي جهنگل، سائين شيخ وسائي،
پيران پاڄهون ننڌ ڪيتوسي، هٿان پاجهہ ڪمائي،
سمجهين ملڪ "مراد" انولڪ، پاڪا پرايت پائين.

( ۵۱ )

ننڌڪ لوچن سنگي ڪون، تيي نيهي ننڌيا چائي،
جنهن ملامت وچ سلامت، سا اوکهہ هلڻي پائي،
سڻ ڪر سمجهہ جواب نہ ڏيندا، ويندا ڪنڌ ولائي،
پرچائي ڪوڻ "مراد" انولڪ، پاڪا پرايت پائين.

( ۵۲ )

جنهن دا ڊول سلامت هووي، ساڪت ڪارڻ ڪتي،
ڦيري البيلي، راڄ کيلي، چڙهي تند نہ گهتي،
ڏيهون آکي ڦري، رکي رنگ برنگ رتي،
جنهن مهر "مراد" خضر ديي، پاڪ تنهن دي متي.

( ٥٣ )

اهوين ماڻ ڪرين نا ڪوڙي، ڪين متول نہ چوڙين،
ويک سهاڳ نہ ڪيجي حجت، هوندہ ڪنون منهن موڙين،
چيتي نال ڦيرائين چرخا، هيڪا تند نہ توڙين،
هو حليم "مراد" هميشہ، نال ادب هٿ جوڙين.

( ٥٤ )

نا مثين رنگ نہ روپ نہ صورت، نا مثين ڪيرت ڪائي،
نا مثين سرخي سرما پايا، نا مثين ميندي لائي،
نا مثين سڪيا چڪيون چندن، نا مثين ڏڙي ڳنڍائي،
نا مثين هار سينگار بنايا، نا مثين ڪران ڪمائي،
ڪٿان ڪنلڪين سيٺي مثين وچ، ڪت ڪون ڪران وڏائي،
جنهن تي مهر "مراد" خضر ڏي، جڳ سهاڳڻ سائي.

( ٥٥ )

جيڪو چاڻي مثين ڪنچ چاتا، چاڻ نسي ڪچ چاتا،
جنهن چاتي وچ چاڻ نہ پايس، سو چاتا ٿيا نا چاتا،
پر چاتا چاڻ "مراد" تهين، جنهن اڻچاتا ڪر چاتا.

( ٥٦ )

وچ ميدان محبت ڏي، جي عاشق آهہ وڪاڻي،
اندر عيش "مراد" تنهان ڪون، پاهر ڦيرن ڪنوماڻي،
دردمندان دا دردمندان بن، ڪهڙا قدر سڃاڻي،
ڪڙن چاڻي يا ڪڙ دي لذت، ڪڙ ڪاوي سو چاڻي.

( ٥٧ )

سنگي سو جو تن من سنگي، سڪ رهي يڪرنگي،
تنهن سنگي ڪون ڏي نہ سنگين، جي سنگي سر منگي،
بين يڪرنگي ڪيها سنگي، بين سنگي پتهہ سنگي،
مورک سنگ "مراد" نہ ڪيجي، فرق رهي فرسنگي.

( ٥٨ )

بيوفائي ڪار زنان دي، مردان وفاداري،
جي لائين تان سر ڏئي چاهين، توڙ نباهين ياري،
ڪوڙے قول نہ ڪرين ڪڏاهان، پاس سخن سچاري،
سے وريام "مراد" بيان ڪر، ڪرن نہ جيند وساري۔

( ٥٩ )

آيھ رن نال جنهان دي ياري، سو ڪيونڪر رب پاوے۔
روڪي راون ڪيتا رن سوکها، چمڙي تے دل لاوے،
کوڏي بدلے لعل لکيڙان، نامعقول متاوے،
سو زن مريد "مراد" اسان ڏے، مولا مڪهن نہ لاوے۔

( ٦٠ )

دنيا دنيا سيڪو آکے، دنيا نهين آے ڏتي،
آے رنبڊ رن راھ نہ وچين، ڪتليان ڪيے مٹي،
جنهان نال نکاح پڙهيايس، تنهان سنگ نہ ستي،
گهتي وير وڙهائي ڪتي، ڪتي ماھ دي ڪتي،
پر لاھ "مراد" مڙهين منهن تے، پيران دي جتي۔

( ٦١ )

دل وچ درد نهين دلبر دا، عشق نہ چوچي لايا،
باهر ويس فقيري دا، تے من وچ مقصد مايا،
چوڙ توڪل تڪيا رب دا، بے لجي لج وچايا،
جنهن دنيا ڪارڻ دوست وساريو، ساتا ڪوڏي ڪم نہ آيا،
يار "مراد" ڪتوري دا ستر ڪر، چا ڪيني ڪاري چايا۔

( ٦٢ )

دل وچ درد نهين دلبر دا، عاشق نان سڏايو،
چيتے وچ جڻو تے، سر تي توهي ڪرڪے ايک وڪايو،
نانگا تي ڪر، ننگ نہ چوڙيو، الٹا ويس لجايو،
ساري عمر "مراد" مڪر ڪر، حارص هٹ ڪيا آيو۔

( ٦٣ )

جو ڪِنچ ڪِتن واليان ڪيتا، سو مئن ڪت نہ چاتان،
ڪامل ڪانڌ ڪڇين مئن ڪون، هينئڙے منے هر ساٿان،
سان "مراد" ڪيها تنهن سيتي، جنهن هٿ جيءَ وڪاتان.

( ٦٤ )

جيڪي تون عاشق ٿيوين مشن تي، مئن معشوق ٿيوائين —
ڦولهي ٻهائين،
جيڪي تون معشوق ٿيوين، تان مئن تو سيتي دل لائين —
جيند يان تائين،
جيڪي تون سيج آني چڙهه آوين، تان مئن سهج ڪنون ڪِل لائين —
ستو سڪ پائين،
وس "مراد" پيا وچ تيڏے، سئو تان سچ آکائين —
سهڻا سائين!

## بيت هير رانجهو

( ١ )

مُٺ تان ويسان جهوڪ رانجهن دي تُوڙي لوڪ ڪري
لک حيلا،
مُٺ مشتاق تسي ڄهان تنهن ڏينهن لاکون، جڏان ڇوڙيم
ڪُڙم قبيلا،
ڪامل عشق حقيقي ڪيتم، وچ وڪيل وسيلا،
جنهن مُٺ کون آڻ ”مراد“ ملايا، سو رانجهن رنگ رنگيلا.

( ٢ )

جنهن ڏينهن روح ڪيتي رب پيدا، تي ڪاني قلم، مس سياهي،
لکيا انگ ازل دا ميان رانجهو نال تڏان، ڪيڙان خبر نه آهي،
روز ميثاق ”مراد“ آساڏي، روح ڳڏا سنگ ماهي،
ٻنهان ڪون ور ماڻهه ٻي ڏتڙا، ٻر ميڪون آپ الاهي.

( ٣ )

درد جنهن دا تنهن در تون، ڇوڙ نه هرگز ويسان،
هڪ دل آهي، لُٽ رانجهن نيتي، ڪيڙان ڪون ڪيا ڏيسان،
رنگپور شهر شيطاني ويڙها، تنهن ڪو ڇُوڇي لاءِ سڙيسان،
ذات ڪيڙان دي وچون مُٺ، هيڪو ڪانه ڇڙيسان،
ڏي ڳل ٻانهن ”مراد“ ماهي ڪون، مُٺ هردم ذوق سٽيسان.

( ٤ )

جوڪر وس لڳا ٻي ميڏا، ويري، ڪُٺل سڙيسان،
ماڻهه ماسي تي ٻيٺ ٻاچائي، رانجهن هٿ وچيسان،
ويرپرا تي ٻابل ڇوچڪ ٻڌ ٻانهي ڪر ڏيسان،
ذات ڪيڙيان دي وچون مُٺ هيڪو ڪانه ڇڙيسان،
ڏي ڳل ٻانهن ”مراد“ ماهي ڪرن، هردم ذوق سٽيسان،

( ٥ )

مين تان ويسان جهوڪ رانجهن ديءِ، توڙي لوڪ گهتي لڪ ولي،
ڪٻاسر چوچڪ چندا، هڪ جهيڙي پيا جهلي،
ماڻ مراد ملالي وانگر، ول ول اکون ولي،
مين تان ويندي طرف رانجهن دي، ”مراد“ ميڏي سون پئي سولي،

( ٦ )

تن من تخت هزاري دي وچ، هڪوئي رانجهن وسي،
لون لون دي وچ ڪيتس ديرا، ڏي رمزان دل ڪسي،
ڪيتريان خالي ڏي نيڪالي، هڪ مٺي پي نسي،
ڏي گل ٻاجهن ”مراد“ ماهي ڪون، ماڻي سڪ سهسي.

# سي حرفي

## (جهولڻو)

الف ـ الله دل نال هميشه ياد ڪر،
جان جان دم جيوين، تان تان تون نت ذڪر:
لاابالي درگاه، نہ چاهين خندگي،
تن من نال "مراد" ڪرين نيت بندگي.
ب ـ بديان سڀ گهٽ، چڱائي هٿ ڪر،
سودا سمجهه وهائين، ويسين ول نيٺ گهر!
ويڪ متان موڙڪ وڃين، مول ڪوهہ،
سنجڻ نال پارس، سون ڪرين وٽ لوهہ.
ت ـ توبهہ تقصير ڪنون ڪر بار بار،
نفس نحس دے نال نہ ٿيوين يار غار:
ڇوڙ صباح، سڀ آيهہ مايا، مال، زر،
ڀتي موت "مراد" ڪرين، سو آج ڪر.
ث ـ ثابت ڪر چاڻ سڃاڻ حق تون،
سڀ گهٽ مرجهار، نہ آڻين شڪ تون:
جيڪي دل ڏيکين ڪول تہ ٿورمل نئون،
هئين چوڏهن طبق "مراد" پريا پڙپور.
ج ـ جدا نهين هڪ دم، هي تئين نال،
غفلت ستون وسار، جو هي وقت وصال:
هي يار جنهان دے نال، سي رهن سڪالڙے،
پريم پيالا پي ڦرن موجون متوالڙے.
ح ـ حياتي وچ هدايت چاڻ،
سنمڪ صاحب نال، سدا سڪ ماڻ:
ڪيها ڀروسا ڪيجئي، ڪٿوڙے دم دا،
جو نهين نيباهہ نال، سو ڪيهي ڪم دا.

خ ـ خالق جملے جهان دا،
ڪيتس خوب خيال، زمين آسمان دا؛
اربع عناصر دے پتلا جوڙ گهڙ،
ڏيکين نت تماشا "مراد" رنگ ڪر.
د ـ دعوا دا دم نا مارين،
ني تون يار يگانا گهارين؛
چيتن نال هميشه چيت لائين،
وحدت دے وچ "مراد" سدا سک پائين.
ذ ـ ذڪر ڪر ذاتي چوڙ صفات،
ڏينهن ڏئا تيي روشني، گهٽي آنڌيري رات؛
حاصل ڪرين "مراد" هميشه سچ حضور هاه
نت هيي شراب طهورا، نرمل نور دا.
ر ـ رضامند رهنا وچ رضا دے،
سبي هين سڌهي سر تے ذڪر قضا دے:
"سوتوا" ني وسيلا "مراد" ديدار دا؛
مرنا باجهون نا ميلنا درسن يار دا.
ز ـ زودون ذڪر ڪر، روز تهين جو آونا،
من دا پرم توڙ دے، ڦير راه ريجهاونا؛
تان تو ڏيکين، نت نظارے نور دے،
نور دے سرور دے، محبت دے مذڪور دے.
س ـ سعادتمند سوالي سچ دے،
مولا نه لاوے ليڙے ڪوڙے ڪچ دے:
اندر باهر سيو سچ ڪماوڻ،
سمجه "مراد" زبانون سچ آلاوڻ.
ش ـ شهيد ڪرين تون نفس نفي ڪون،
وچون ڪيون وڇوڙا پاوين بي ڪون:
باجهون هٿان يار دے، مر ڪر جيونا هے،
آب حيات "مراد" پيالا پيونا هے.

ص ـ صفا ڪر تون سينا،
ڪَٺِل مار ڪر ڪيل، نہ ڇوڙين ڪينا:
رنگ ڪر سر ير رنگ وچ، "مراد" سڃاڻي پاپ ڪون،
جو اهڙي ڀاڄهہ نہ وڃين، اکڻين "مراد" آپ ڪون.
ض ـ ضرور زڪوات زمان منگيسي:
آسي موت مهل تِسے، وهسي لِي منگ منگيسي:
پر جيندے جُهد ڪرين، ليکا لاهين ساهہ تون،
چِت رکين چيتن، من "مراد" صلاح تون.
ط ـ طالب مطلوب تيڏا تو نال هے،
من دا محرم هردم حاضر حال هے:
جيے تو طالب ملڻ دي هے مطلوب ڪون،
تان چوڙ سِريں "مراد" ملين محبوب ڪون.
ظ ـ ظلمات آتے هَن خضر دا خيال هے،
دل وچ آب حيات حاضر حال هے:
پُر جام جڏان پر مرشد مٺون ڏيوے،
پيوڻ نال "مراد" وصال ڪرليوے.
ع ـ عجائب پيتي پريم پيالڙي،
رتي رنگ ديدار دي ڦرون متوالڙي:
عشق عيسیٰ دم رلمل روح جڳايا،
انترجامي عشق "مراد" ميلايا.
غ ـ غروري چوڙ، غريبي پاءِ،
نيڪي دا ثمر بر تے چاءِ:
سمجهہ صبوري نال، چيتن چت لاوڻ،
ڏے دل دلبر يار "مراد" ريجهاوڻ.
ف ـ فنا ڪر فڪر ڪنون غم ڪاوڻا،
يار تيڏا تو نال وسے، غم من پاوڻا:
جو وسے وستي وچ، پڇائے سڄ ڪڏون،
تنهن موڙڪ ڪنون "مراد" نہ پڇاوين هيچ ڪون.

ق ـ قلوب المومنين عرش الله دا،
لت ڪرين طواف تنهين کون سنجهه صباح دا:
لئون لئون دے وچ لاوين رنگ لقاءَ دا،
تون ماڻ "مراد" هميشه ذوق بقاءَ دا.

ڪ ـ ڪتان هين تون، پاڪ لطيف هے،
غافل غير نه چائين، ذات شريف هے:
هٿون دين گنواء تے ڪيا ڪفر ڪماوڻا،
ساجهر سمجهه "مراد" نهين وَل آوڻا.

ل ـ لطيف لڌوسے، دل وچ کول ڪر،
پڻي مراد، ڏٺوسے درسن دوست گهر:
سون سرير ٿيا، پٽ پارس پايا،
جنهن دا مول نه تول، سو رتن آمولڪ آيا.

م ـ مبارڪ ڏيوَن سڄڻ گهر آيا،
نال جنهيندے دل ديان ڳاليان، الله ميلايا،
چڙهي جند، لٿا فڪر فراق دا،
مطلب سب هويا پورا، هڻ "مراد" مشتاق دا.

ن ـ نونهال ٿيا سے، سڄڻ مليا اندر وچ،
سيڻي سُڪ پيا سے، انتر مليا گهر وچ:
لڳا رنگ، ٿيان خوشحاليان،
لٿا فراق "مراد" متواليان.

و ـ وحدت وچ ويساهه ڪيتا،
وسرگڻي سب تات، پريم رس پيتا:
دل بيت الله وچ، لقاءَ لطيف دا،
ڪرين "مراد" مشاهدا، ذات شريف دا.

هہ ـ هردم هردے اندر، دوست دي دُونهڙي،
سيج آتے سڪ ستي ڏے ڳل پانهن سُونهڙي:
اکيان نال اکئين دي لاون ياريان،
مست رهن "مراد" هميشه خوني خماريان.

ع- الله دي ذات سچاتا ذات کون،
آپ هي داتا، آپ هي پاتس ڏات کون؛
ذات صفا "مراد" سمايا،
بيرنگي نتورين رنگ مين آيا.

لا- لڳي سڀ دل تون وهم وصال دے،
ڪل هنس ڪر ڳڻل لايا محرم حال دے:
سر ڏے سچن ڳڏوسے جيوڻ پايا،
يار "مراد" مليوسے، ٿيا بخت سوايا.

ي- يقين ٿيا لاڻ لاپ تے،
حاصل حق ٿيوسے سچ سرتاپ تے:
جيت ويکان تان آو روپ آپار هے،
آهے يار "مراد"، آهے ديدار هے.

# كافيون

(۱)

وارو ڙي وارو، يـار، هوت اچي هِن حال مون.

۱- آءٌ پيادي ڪين پُڄان، موٽيچ سين ستار...

۲- آئي ويل وصال جي، ورِ تہ سهاڻ وار...

۳- صبح سندي آسري، هِڪو تان ورسيون لکِ هزار...

۴- مون کي اڄ "مراد" چوي، ڏي دوست پنهون ديدار...

(۲)

سک نہ سهڻي ساهہ، ڏاڍي ڏير ڪري ويا،
آيل ماءُ!

۱- پارڻ پاري ويا، اندر ارهہ جي باهہ،
آيل ماءُ!

۲- عين اُداسي آن ري، سرتيون سڀ ساهہ،
آيل ماءُ!

۳- پسڻ ڪارڻ پِرَ جي، روز نهاريان راهہ،
آيل ماءُ!

۴- "مراد" سڀ توجن لئہ، تن کي آئي من الله،
آيل ماءُ!

(۳)

آ ويڙهي وچ آ، سائين، ميڏا رانجهڻ سائين،

۱- چولي اندر پيتا بولي، پهون لڳا مٺ نون ميٺا...

۲- ڪنان دے نال سُنيندا هم، اکيان دے نال مين ڏٺا...

۳- هرير حسن ديان فوجان چڙهيان، بين ڪاتي ڏي نال ڪٺا...

۴- آک "مراد" مليوسي ماهي، فضل ڪريسي مرشد مٺا...

( ۴ )

رانجها ميڏے گهر آيا، سنئيان؟

۱- وڃي آنڪر ڏيک تولهين تون،
سو دل اندر هايا...

۲- جنهن ڪيتي مثن ڍونڍيندي رهندي،
سو شه الله ملايا...

۳- جنهن دي حقيقت ”مراد“ ڪريندا،
تنهن ڪول آکے ڳل لايا...

( ۵ )

هڻ ميں پڻي هي سانگ فقيري،
هے فقيري دا ڪال.

۱- ڪاپي ڪر سپ پيٽ پريندے،
سهه ڪے ساري رات گنويندے؛
ساري عمر دا ايهو حال.

۲- فقير هوکے ڀيک مگيندے،
مايا کو پرهم ڪرکے ڀوڇيندے؛
من وچ ميڙڻ مقصد مال.

۳- گيان ڌيان سے دور ڀهيندے،
ڀيک بتا ڪر لوک رڃهيندے:
رات ڏينهان هے اے خيال.

۴- ڪيا مثن ڪيتا، ڪيا هڻ چايان،
پانڌ ڪجي ڳل تئن ڪون هايان؛
ڪر ”مراد“ تے پلا پال.

( ۶ )

سودا عجب سامان هے، مثن گهر آيا ڍول.

۱- پير سرواه سپ سودے دے وچ،
تن من ڌ تم تول...

۲- سُرت نیرت سب گنوا کے آکان،
وسن همیش کول...
۳- گهر گهروندا سیکجهہ ڈ ترم،
ساهہ سجن تان گهول...
۴- سفت "مراد" کیتوسے سودا،
جنهن دا تول نہ مول.

(۷)

چاک سڈیندے گهول گهتان، نینهن لگا رانجهو نال.
۱- نا مُن کنهن دي مگ مگیندي، نا مُن هیر سیال...
۲- رانجهن میڈے سِر دا سائین، جنهندي نینهن نهال...
۳- یار "مراد" ملیسي ماهي، کریسي رب اپنا پال...

(۸)

آویـن سجـن ول، هوئي اے درماندي دل.
۱- کنهن نون آکان حال اندر دا،
ڈے پانهین کل...
۲- تو پاجهون کئچ نا پاوے،
فالان پاوان پل پل...
۳- یار "مراد" او ڈینهن آوے،
هوواں نال رانجهن رلمل...

(۹)

یاران دے نال بسنت همیش،
گهر آهیے وچ رنگ رلیسان.
۱- رُت بسنت تا آوے جاوے،
نال نہ غیران ویسان...
۲- باغ اساڈا باغ بهاران،
نال سجن سُک پشیسان...
۳- بے حجاب ملیم دل جاني،
ڈے گل بانهن "مراد" هچیسان.

(۱۰)

تن من وسندا رانجهن سائين،
سر صدقي توثان گهولن گهتائين.

۱- قادر اندر قلوب گذاري،
رهندا رَلدي تخت هزاري،
روح رتا رنگ يار پياري،
هردم ويکين تي سک پائين.

۲- جيوين جيوين تيڏا درسن ويکان،
تيوين تيوين متوالدي نيت مٿن جيوان،
پريم پيالا تيڏي دستون پيوان،
لائق لطفون دير نه لائين.

۳- "مراد" اندر وچ دلبر ديرا،
کيهڙ فقير دي کر وچ قيرا،
دنيا هي يه رين بسيرا،
بکڙا کول تي پاجهون آلائين.

(۱۱)

بيخبر يار، دم غنيمت جاڻ!

۱- اهو دم آوي، اهو دم جاوي-
دم هي سڪ سڃاڻ.

۲- اهو دم عاشق، اهو دم معشوق-
دم کون إختالي نه آساڻ.

۳- اهو دم اوّل، اهو دم آخر-
دم تون "مراد" سڃاڻ.

(۱۲)

اڄ ڏولڻ آمي ميڏي گهر، سيڪا آکي هلو هلو!

۱- "ونحن آقرب" نيڙي لڌوسي،
نال سڄڻ دي ميلو ميلو.

۲- دوست مليا، مَن ڦريا مونڌا،
سڀڪا آ ڪيي ڪيلو ڪيلو.
۳- ڪاوڙ آوڙ زلمل مينگيان،
گيت سڄڻ ڏي آلو آلو.
۴- نيت بسنت مبارڪ ميڪون،
ڳاڪي ”مراد“ ڀلو ڀلو.

( ۱۳ )

چرخي چِت لاءِ ڙي، چرخي چِت لاءِ.
۱- آتڻ سئيان سڏ ڪرينديي،
سئتي ڪيهڙا ساھ...
۲- جنهان ڪيتا اوجاڳا، تنهان ڪتيا،
ڀيئيان ڏول مٿاھ...
۳- جي تون نال صراف ڏيي ريجهين،
تند ڀريتون ڀاءِ...
۴- يار ”مراد“ ساليسي آھا،
جا جيندي مَر ڪرچاءِ...

( ۱۴ )

سمتهن پَهرِ آرام نہ آويي،
تو ڀاجهون ڪُجھ مثول نہ ڀاويي.
۱- پلپل ديي وچ ڦالان پاوان،
مُلّا پوڇي روز پڇاوان،
ڄاڪ قدم دي نيڻين لاوان،
تاري ڳڻيندي رات وهاويي.
۲- جوڪُجھ ڪيتا تيڏي وڇوڙي،
قسمت ساري ڀيئي لوڙي،
هڻ تان اين جيندسول نہ چوڙي،
جي گهر آوين تان سک پاويي.

۳- عشق تُساڏے برهہ بڇايا،
سِڪ تُساڏي سانوڻ لايا،
آوڻ دا ڪرگهڻ ساجهر سعيا،
"مراد" ماهِ دي نا ويرم لاوے.

(۱۵)

دوست جنهين دا دل وچ هووے، سا ڪيون ڪتليان ڪولے.

۱- لؤن لؤن دے وچ جهوڪ جنهيندے،
سا ميٹول نہ ٹوہے اولے...

۲- اونچے سڏ ڪريندے ڪيئي،
او ليت وسندا ڪولے...

۳- ميل "مراد" نہ وچڙيا ڪوئي،
آپ ڪيون گهتيندے پولے...

(۱٦)

ڪيتي يار دے نال جو وعيد، ميان،
درد والي رڪ ديد، ميان.

۱- وحدت دے وڻجارے هوڪے ڏيندے،
در در "هل من مزيد"، ميان.

۲- سير دے سود ے سورهيہ ڪريندے،
سُولي چڙهہ ٿيون شهيد، ميان.

۳- ماري مدد کو مَلِڪ ڪرڪر دوڙڪرو،
چوڙ وجي يهودي يزيد، ميان.

۴- حب الوطن ايمان اساڏا،
"مراد" ڪرين ايهہ عيد، ميان!

(بياض "نيراڪي")

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، ياڙي، ڪاٽُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چوِ، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)